# ديوانِ مير

مصنف:

مير غلام الله خان ٽالپر "مير"

Gul Hayat Institute

ناشر:

بزمِ ٽالپر ادب، مورجهنگو - کنري

ضلع ٿرپارڪر

سنڌ

# ديوان مير

مصنف

مير غلام الله خان ٽالپر

مرتب

پريتم ”پياسي“

Gul Hayat Institute

ناشر

بزم ٽالپر ادب ”مور جهنگو“ ڪنري
ٿرپارڪر سنڌ

مصنف جا حق ۽ واسطا قائم

كتاب : ديوانِ مير
مصنف : مير غلام الله خان ٽالپر - مور جهنگو
نگران : ڊاڪٽر مير امان الله خان ٽالپر
مرتب : پريتم "پياسي"
ڇپائيندڙ : بزمِ ٽالپر ادب "مور جهنگو" ڪنري ٿرپارڪر سنڌ
ڇپيندڙ : نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد
دفعو : پهريون
نوعيت : شاعري
تعداد : هڪ هزار
اشاعتي سال: آڪٽوبر 1990ع
قيمت: 40-00

Gul Hayat Institute

# DEWAN - MIR

Sindhi book of Poetry by
Mir Ghulam ullah khan Talpur "Mor Jhango"
Publisheed by Buzam Talpur Adab "MorJhango"
Kunri Tharparkar Sindh

# "انتساب"

نالي ڪيم پنهنجي پياري ۽ محترم والد الحاج مير احمد خان ٽالپر

سابق ايم - ايل - اي .
سابق پارليامينٽري سيڪريٽري
سابق صدر ٿرپارڪر لوڪل بورڊ جي،

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هزهائينس شيرِ سنڌ، ستارهِ هنڊ واليءِ ميرپور خاص مير شير محمد خان ٽالپر. ولد واليءِ ميرپور خاص مير علي مراد خان ٽالپر ولد بانيءِ حڪومت ميرپور خاص ستارهِ جنگ مير ٽارو خان ٽالپر. شجره لکڻ جو مقصد هتي سچاٽپ ڪرائڻ آهي نه ڪي پنهنجي وڏائي ۽ اعليٰ نسبي جو پرچار ڪرڻ آهي. هن ڪتاب جي ادبي افاديت چاهي عام ڪتاب ڪان مختلف نه به هجي ليڪن ميرپور خاص جي رائل فيملي ۾ هن نوعيت جو هي پهريون ڪتاب آهي هن ڪان اڳ ڪوبه صاحبِ ديوان ٽالپر ناهي. منهنجي ولادت هڪ اهڙي خاندان ۾ ٿي جت رب پاڪ جو فضل و ڪرم هر سو غالب هئو. جيئن ته آئون پنهنجي گهر ۾ پهريون اولاد هئس. انڪري منهنجي پالنا وڏي ناز و نعم سان ٿي فقط منهنجي سار سنڀال لاءِ ست خادمائون رکيون ويون، والدين جي اهڙي شفقت محبت ۽ پيار پري نظر مونکي لاپرواهه، مغرور ۽ خود غرض بنائي ڇڏيو. منهنجي تعليم فقط انٽرميڊيٽ تڪ رهي مون پرائمري تعليم جي ابتدا پنهنجي محسن استاد رئيس الهداد خان مري بلوچ کان پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ڪئي. ان بعد سيڪنڊري تعليم ميرپور خاص جي گورنمنٽ هاءِ اسڪول ۽ حيدرآباد جي "حمايت اسلام" ۽ نور محمد هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ڪجهه وقت سچل سائنس ڪاليج ۾ بائلاجي سيڪشن ۾ پڙهيس ليڪن سول تعليم مڪمل مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۾ ڪئي. بابا سائين جو خيال هئو ته اعليٰ تعليم حاصل ڪيان يا سندس نقشِ قدم تي هلي ايم-ايل-اي-ٿيان. پارليامينٽري سيڪريٽري ٿيان يا لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ ٿيان، ليڪن مان شاعر ٿي ويس. مونکي فخر آهي ته آئون شاعر آهيان هڪ حساس فرد جو اگر چاهي ته پنهنجي تاثير سان زماني جي رگ رگ ۾ سرائيت ڪري وڃي، لطيف،

Gul Hayat Institute

اياز ۽ ملاح بڻجي ويچي، اگر ايترو نہ تہ ان ڪاروان جي گرد ِ سفر بڻجي رهان مان اڄڪلهہ پنهنجي ڪاروبار سان گڏ سماجي ۽ سوشل ڪم بہ ڪندو رهان ٿو ڊسٽرڪٽ ٿرپارڪر جي ڪائونسل جو ميمبر بہ آهيان. وسيع دوستيون آهن، دوست مون لاءِ سڀ ڪجهہ آهن. ٿرپارڪر ۾ ٽالپر ڪاز لاءِ جدوجهد ڪرڻ منهنجي وندر بہ آهي. سخنوري مون 1963ع کان شروع ڪئي آهي ۽ هي ڪتاب 1990ع ۾ شايع ڪرايو آهم. ان بعد ٻيو مجموعہ ِ ڪلام پيش ڪندس. جنهن ۾ نوان غزل- ڪافيون- بيت- دوهيڙا- قطعات ۽ رباعيون هونديون. مان شاعري ۾ جدت پسندي نئي مضمون ۽ موضوع جو قائل آهيان. ايندڙ ڪتاب وڏيڪ موزون ۽ جامع هوندو. مان آخر ۾ فقط هي عرض ڪندس تہ هي ڪتاب منهنجي ابتدائي شعر تي مبني آهي. قارئين جي راءِ مون لاءِ لائق ِ اصلاح هوندي. مان اوهان جي راءِ جو هر وقت انتظار ۽ احترام ڪندو رهندس. پريتم "پياسي" هڪ سٺو انسان نئون شاعر ۽ سيڪنڊري استاد آهي. ديوان جي ترتيب ڪار جي حيثيت ۾ هو منهنجو پاڻهن ٻيلي آهي. آئون سندس ٿورائتو آهيان جنهن منهنجو شوق وڌايو ۽ ان سلسلي ۾ مددگار رهيو.

Gul Hayat Institute

دعا گو

**مير غلام الله خان ٽالپر**

"مور جهنگو فارم" ڪنري ٿرپارڪر.

# پيش اکر

آئون پنهنجي پهرين ملاقات ۾ئي مير صاحب جي حسن سلوڪ جو گرويده بنجي ويس. ڪيترين ئي ملاقاتن ۾ مير صاحب سان شعر و شاعري بابت ڪچهريون ٿيون. انهي دوران مير صاحب پنهنجو مجموعہ ڪلام جو مسودو ڏيکاريو، جو سندن ڪاروباري ۽ سماجي مصروفيات سبب ڇپجڻ ۾ دير پئي ٿيو. مون ڏسڻ بعد مير صاحب کي مشورو ڏنو تہ هن ۾ تقريباً تمام رديف موجود آهن، جي باقي رهن ٿا مڪمل ڪيو تہ هن مجموعي کي ”ديوان مير“ جي نالي سان شايع ڪرايو ۽ ان سلسلي ۾ مون ڪلام کي ترتيب ڏيڻ ۽ شايع ڪرڻ لاءِ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو مير صاحب منهنجي مشوره کي مڃيو ۽ جلد رهيل رديف مڪمل ڪري ڏنا، جن کي مون ترتيب وار سيٽ ڪري پريس حوالي ڪيو. جيئن تہ آئون خود بہ پنهنجي اسڪول ڊيوٽي سبب مصروف هئس، ان هوندي بہ ڇپائي جي نگراني لاءِ ڪڏهن خود، ڪڏهن پاڻ جوڻترام کي موڪليندو هئس.

مون کي افسوس آهي باوجود ڪوشش جي، پروفنگ جون خاميون رهجي ويون. جن جي پورائي لاءِ ”پل نامون“ پڻ ڏنو اٿم. پڙهندڙ حضرات کي گذارش آهي تہ، ديوان کي پڙهڻ کان اڳ ”پل نامي“ کي ضرور ڏسن.

ڪتاب بابت جيڪي مون ڪي لکڻو هو، اهو سڀ ڪجهه مير صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ڇڏيو آهي. مير صاحب جو ڪلام بيحد خوبين سان ڀريل آهي ته تمثيل نگاري جو به ڪمال آهي، پر هڪ ڳالهه جنهن لاءِ مير صاحب خود به لکيو آهي ته "علم عروض" جون چند غلطيون تي سگهن ٿيون. سي ڪنهن حد تڪ محسوس ٿين ٿيون. انهن لاءِ آئون ايترو چوندس ته هن ابتدائي ڪوشش ۾ انهن کي درگذر ڪرڻ ۽ اڳتي بهتري جي اميد رکڻ مناسب ٿيندو.

مون کي هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان اها خوشي آهي جو ميرپور خاص جي ماڻڪاڻي ٽالپرن ۾ اهڙو به ماڻهون پيدا ٿيو جيڪو نه رڳو شاعر آهي بلڪ "صاحبِ ديوان" پڻ آهي.

منهنجي سامهون ٿرپارڪر ضلعي جي ڪافي شاعرن جا مجموعه موجود آهن، جن کي ڏسندي آئون چئي سگهان ٿو ته مير صاحب اسان جي ٿرپارڪر ضلعي جو پهريون "صاحبِ ديوان" شاعر آهي. جا ڳالهه اسان لاءِ اعزاز جوڳي ۽ قابلِ فخر آهي. هن دور ۾ جتي خبر ناهي ڇا سان ڇا "اوٽ پٽانگ" ڪلام جا مجموعه ڇپجن پيا، مير صاحب جي ڪلام کي وري به نيڪ فال سمجهجي ٿو.

هن ڪان پوءِ به مير صاحب جي ڪلام جا مجموعا پيش ڪنداسون. آئين دعا ڪيون ٿا ته، الله سائين اچان به

قلم کي رواني بخشي، جيئن پنهنجي علم و ادب سان ڀلاري ڀٽ ڌٽي جي سڀ کان پياري پون ٿرپارڪر جو مان مٿاهون ڪري ۽ سندس قلم سنڌ جي ادب جي پياسن جي پياس دور ڪندو رهي.

دعاگو

**صوفي فقير** — **پريتم "پياسي"**

آڪٽوبر **1990**ع

پوسٽ آفيس صوفي فقير

وايا ڏورو نارو ٿرپارڪر سنڌ.

Gul Hayat Institute

اي ”مير“ ڪٿ ڪوڙين ۾ ديوان تهي وڃن
تعريف لک ۾ ايڏي حسين محب يار جي

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# (رديف الف)

## غزل

### (خدا جي تعريف)

پنهنجي دامانِ محبت ۾ لڪايو مولا،
غم الم آهي گهڻو مون کي ستايو مولا.

عاصين جو نه اوهان ريءَ ڪو سهارو آهي،
پيو ڪٽي آهي ڪنارو ته پڏايو مولا.

تني خطا مون کان برابر آ خطادار آهيان،
مهر پنهنجي سان خطائن کي مٽايو مولا.

هاڻ توبهه تو ڪيان پنهنجي گناهن کان وري،
هاڻ توفيق جو هٿ مون ڏي وڌايو مولا.

"مير" مجبور تي لاچار تي پهتو آ ڏئي،
پاڄهه جي ان کي ڪا خوشخبري سڻايو مولا.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

## (حضور صلي الله عليه وسلم جن جي تعريف)

آڌار آ اڙين جو محبوب مصطفيٰ
محبوب آ مٺڙين جو محبوب مصطفيٰ.

ڪهڙي ثنا حبيبِ خدا جي ويهي لکان،
آ نور اکڙين جو محبوب مصطفيٰ.

ڪافي آهي حشر ۾ محمد رسولِ عربي،
وسيلو آهي سڀن جو محبوب مصطفيٰ.

هر غم جي دوا آهي صلوات محمد جي،
چڻ چنڊ آ دلين جو محبوب مصطفيٰ.

اي "مير" شل نوازي انوارِ ڪرم سان،
شافي آ عاصين جو محبوب مصطفيٰ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

هو چشم جفا ڪار نہ غمخوار ٿئي ها،
هي زندگي بہ مون کي نہ درڪار ٿئي ها.

مان ڪيترو خالي ۽ گم نام هجان ها،
جي شوخ ڪج ادا سان نہ پيار ٿئي ها.

ڪٿ هئي پلا اسان جي دل جي گهٽي قيمت،
جيڪر نہ هن جي دل سان واپار ٿئي ها.

هن ڪان سواءِ منهنجي جنون جو خدا هئو،
نہ درد لادوا هئو نہ دلفگار ٿئي ها.

اي "مير" هن سواءِ ڪٿ ننگ و نام هو،
ڪٿ غم نصيب ٿئي ها درد آشڪار ٿئي ها.

Gul Hayat Institute

# غزل

هي رات ڪيئن ڪٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها،
ڪا ياد پئي ڦٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

ويٺو اڱڻ تي آئون دروازي کي ڏسان ها،
ڪا خاڪ پئي لٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

اکين مان اشڪ وهندا دامن کي ريج ڪن ها،
ڪو زخم بہ چٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

وسري وڃي ها ڪاڻ، دنيا لڳي ها ڏائڻ،
ڪو سور بيو سٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

بازي هي محبت جي، رسمن سان هي بغاوت،
دنيا وڃي ڪٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

شايد مري وڃان ها، تو کان سواءِ جاني،
هي اک نہ ڪو پٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

دنيا جو درد ڏيئي سينو سڄو ڦٽيو آ،
سو درد ڪيئن گهٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

هي ذهن "مير" جو بس هڪ وات ئي وڃي ها،
هر ڳالهہ پئي مٽي ها، جيڪر نہ تون هجين ها.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

عشق ۾ جيڪي نه ٿيا، آزار آخر ٿي ويا،
برهه ۾ جيڪي نه ٿيا بيمار آخر ٿي ويا.

ويو ڦٽي سک چين آخر ننڊ اُڏامي وئي هلي،
لوڪ ۾ جيڪي نه ٿيا لاچار آخر ٿي ويا.

خونِ دل آخر مليو محبوب پنهنجي لب مٿي،
سونهن ۾ جيڪي نه ٿيا سينگار آخر ٿي ويا.

رات ٿي جاڳي ڪٽي ۽ ڏينهن جو تارا ڏٺا،
درد ۾ جيڪي نه ٿيا ديدار آخر ٿي ويا.

ٿي لٿا ويا تار تار اٿيا ٿيا سي وار وار،
نيهن ۾ جيڪي نه ٿيا، نروار آخر ٿي ويا.

دل ڪچي دنيا تان وئي غم اٿو گهر پار جو،
قرب ۾ جيڪي نه ٿيا ڪم ڪار آخر ٿي ويا.

”مير“ محبوبن وچي آخر سکي جورو جفا،
ترت ۾ جيڪي نه ٿيا تيار آخر ٿي ويا.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

حسن وارا تکي چڪا هوندا،
زخم ڪيئي سهي چڪا هوندا،

مون کي در در رلائي منهنجا پرين،
منهنجو در در پڇي چڪا هوندا.

جيئن هتي آهه مان پريشان ويٺو،
تيئن هو آهون ڀري چڪا هوندا.

هي خطا عشق جي خطا آهي،
هاڻ ان کي مڃي چڪا هوندا.

مون کي الفت ۾ ”مير“ درد ڏئي،
ڪيڏا بي چين ٿي چڪا هوندا.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

زندگي بي مقصد و مهجور آهه تو کان سوا،
هر طرح ٻـــر درد آ رنجور آ تو کان سوا.

تون نہ آهين زندگي درڪار مون کي ناهي ٿي،
هر خوشي ڪاڻ پيئڻ سڀ دور آ تو کان سوا.

هي حسين پر شڪوه دنيا زهر وانگي ٿي لڳي،
پور جوڙين ۾ بدن ٿيو چور آ تو کان سوا.

هر خوشي جي بدلي غم هر لطف عيوض درد،
مون سدا سهڻا ڪيو منظور آ تو کان سوا.

فصلِ گل ۾ دل جي حالت ديگران آهي پرين،
ڏس وري ٻہرن جهليو ٻور آ تو کان سوا.

هـــي هوائي دشمنن شايـــد آڏائـــي آ سڄڻ،
"مير" اڄ ڪلهہ خوش وتي مسرور آ تو کان سوا.

Gul Hayat Institute

□

# غزل

تنهنجي چهري کي صبح زلفن کي شام سمجهون ٿا،
اسان تہ دنيا کي تنهنجو ئي نام سمجهون ٿا.

شڪست سمجهون ٿا، جيڪر ڪرون ٿا نظرن مان،
۽ مرڪ تنهنجي کي پنهنجو انعام سمجهون ٿا.

پنهنجي وفا کي ٿا سمجهون فرض محبت جو،
تنهنجي جفا کي محض تلخ جام سمجهون ٿا.

پنهنجي فغان کي ٿا سمجهون پنهنجي ڪوتاهي،
تنهنجي سزا کي حسين گل جي لام سمجهون ٿا.

اوهان جي اکيان پيلا ڪنهن جي ڇا اميري آ،
اسان تہ "مير" بہ تنهنجو غلام سمجهون ٿا.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ڪڏهن تہ پورو اسان جو سوال ڪر سهڻا،
ڪڏهن تہ پنهنجي وفائن جو ڀال ڪر سهڻا.

ڪڏهن تہ مرڪي هليو آ اڱڻ اسان جي تي،
ڪڏهن دل جي تمنا جو خيال ڪر سهڻا.

ڪڏهن تہ ناز ڪري زلف سون تي ڪولي ڇڏ،
ڪڏهن تہ منهنجي اميدن جو سال ڪر سهڻا.

ڪڏهن تہ منهنجي تڙپ کي ملي سڪون پيارا،
ڪڏهن تہ پنهنجي ٻرن سان حلال ڪر سهڻا.

ڪڏهن تہ "مير" جي محبت جو رک ڀرم سائين،
ڪڏهن تہ پورا تمنا جا خال ڪر سهڻا.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

سوين شوق دل ۾ ڏسڻ جا رکون ٿا،
ڪئي خيال من ۾ ملڻ جا رکون ٿا.

زماني جي ديوار جي وچ ۾ آئي،
اسان ذوق ان کي ٽپڻ جا رکون ٿا.

اچو تہ اچو يار وس آ اوهان جي،
تصور اوهان جي اچڻ جا رکون ٿا.

ڪڏهن من وصل جو وري واءُ پيارا،
فڪر دل ۾ تنهنجي ٽيڻ جا رکون ٿا.

ڪڏهن "مير" وٽ محب مهمان ٿيندا،
اسان ديپ ٻاري اڱڻ جا رکون ٿا.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

حوادث بـــي ڪران پـــاگل ڪيو آ،
چوان ڪنهن کي تم مون سان دل ڪيو آ.

پـــري نـــالم پئي جـــا يـــار هاڻـــي،
چـــمـــن غـــارت انهي بلبل ڪيو آ.

اسان جي بـــي زبانـــي تـــي خفا آ،
ڇوي دنيا پٺـــي تـــو غـــل ڪيو آ.

ڪنهن جي الفت بـــڻـــي آ زهـــر قـــاتل،
انهي هر شـــوق ڏي مـــائـــل ڪيو آ.

اسان جـــي "مـــيـــر" وضعداري کـــي،
ڪنهن جي صورت اڇي سائـــل ڪيو آ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

اسان درد ۾ پڻ دعائون ڪريون ٿا،
سهي سڀ جفائون وفائون ڪريون ٿا.

ڀلا درد دشمن تہ آهي اسان جو،
اچي تو تہ ان جون گلائون ڪريون ٿا.

وصل جون اميدون رکي يار دل ۾،
جدائي جون پوريون سزائون ڪريون ٿا.

ڇٽي نہ پون زخم تنهنجي جفا جا،
انهي خوف کان نہ دوائون ڪريون ٿا.

ٻڌي "مير" جون من پڪارون وڃين تون،
انهي شوق ۾ بس صدائون ڪريون ٿا.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

اڄوڪي زمانـــي ۾ الـفـت ڪٿي آ،
رڳـــي مـحـب آهــن محبت ڪٿي آ.

آهن درد دوکـا ڀـيـا سـور سامهون،
چڻ تــي جـا آهـي حقيقت ڪٿي آ.

سڪي دل ٿي جنهن ڀي محبت لئہ يارو،
سـا محبت ڪٿي آهي چاهت ڪٿي آ.

آهي ڪوڙ جـو ۽ ڪپٽ جو زمانـو،
وفـا جي حسينن کي فرصت ڪٿي آ.

وٽـي "مير" بنجـي دغـا دوستي آ،
ڪجيـن ۾ الفت جـي عـادت ڪٿي آ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

مرڪ تنهنجي ۾ ٿيا فاصلا ڇو ڀلا،
پيار ۾ هي ٻم ٿيا سلسلا ڇو ڀلا.

ڪول اکڙيون غزالي اي سهڻا سڄڻ،
تو تغافل سان ڪيا زلزلا ڇو ڀلا

وعدا پنهنجا آخر پريا ڇو نه اڄ،
ڄڻ ته پاڻي تي ٿيا بلبلا ڇو ڀلا.

وئي وٺي پاڻ کي ڪهڙي مجبوري آ،
ڪيئي درپيش ٿيا مرحلا ڇو ڀلا،

ماڻهن کي لڳو تي وڏو ڀوڳ اڄ،
ڄڻ انهن لاءِ ٿيا مشغلا ڇو ڀلا.

تنهنجي آغوش ۾ هو رهيو "مير" اڄ،
چئو طرف ٿيا ڪئي غلغلا ڇو ڀلا.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

هاڻي هجر جو حال ٻڌائڻ بہ ڏکيو آ،
ليڪن دردِ دل کي ڏيکارڻ بہ ڏکيو آ.

گمنامين کان خوف وٺي ٿو گهڻو مگر،
رسوائن ۾ پير کي پائڻ بہ ڏکيو آ.

دهليزِ محبت تي قدم شوق جو رکي،
هاڻي انهي کي پويان هٽائڻ بہ ڏکيو آ.

پابند ڪڏهن جا دل نہ رهي رسم و راه جي،
آواره ان کي راهہ تي لائڻ بہ ڏکيو آ.

ناهي فقط هي غم تہ ويو "مير" هو ٻئي جي،
غم آ تہ ستمگر کي ڀلائڻ بہ ڏکيو آ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

درد چاريندي شام گذري آ،
توکي ماريندي شام گذري آ.

رات جو حال ڪهڙو توکي ڏيان،
مون کي ماريندي شام گذري آ.

سور ڪهڙا شبِ فراق جا چئون،
نير هاريندي شام گذري آ.

ڇو ڪندين هاڻ حشر رات پرين،
ساڻ ڏاريندي شام گذري آ.

تو سواءِ شرابِ شوق ڪٿي،
زهر پياريندي شام گذري آ.

تو سواءِ ڪٿي سما "مير" جي شام،
وير واريندي شام گذري آ.

Gul Hayat Institute

□

# غزل

نہ گل ۾ آهي خوشبوءِ نہ مَج ۾ روشني آ،
تہ و ڪان سواءِ اهڙي حالت ۾ زندگي آ.

نہ ڪو نامبر ملي ٿو نہ ئي بادِ صبا گذري ٿي،
تو ڪان سواءِ سڀ جي مون سان ٿي دشمني آ.

ڇا حال چوان توکي محبوب جدائي جو،
سڀ حال جي اڳيئي توکي تہ آگهي آ.

بي چين نظر آهي بي چين فڪر آهي،
هر سوچ بي يقين آ هر ڳالهہ بي وسي آ.

هي ”میر“ سواءِ تنهنجي هين زندگي تو گهاري،
ڇڻ هر نفي جي هن سان ٿي ويئي دوستي آ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

سوز ۾ هجر ۾ بہ راحت آ،
غم ڏي غم آ خوشي ڪان فرصت آ.

تنهنجي الفت جو تير اهڙو آ،
زخم هر هڪ سان تي محبت آ.

نالو ڪٿ هؤ اسان جي هستي جو،
تي جنون ۾ اسان جي شهرت آ.

داغ اهڙا فراق جا دل تي آهن،
چڻ گلن سان پري ڪا جنت آ.

زلف جا پيچ چڻ عدن جون گليون،
ڪيڏي خوشبوء آ ڪيڏي فرحت آ.

"مير" غم بہ سنڌس وٽي تو گهٽو،
هن سان هر طرح جي تي نسبت آ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

لبن سان ملائي ويو لال لب آ،
جنون جو اهو ئي تہ تازو سبب آ.

سڄڻ سال سورهن ۾ آ پير پاتو،
قيامت آ برپا غضب تيو غضب آ.

ٿي تقريب تازي سلڻ جي مٺي سان،
ٿي اپريل نئون بہ اڄوڪي عجب آ.

هو مهتاب بنجي اڱڻ تي اچي ويو،
چراغان چراغان سموري ٿي شب آ.

اسان "مير" قدمن تي سر آ جهڪايو،
اگيان يار جي ڇا حسب آ نسب آ.

☐

Gul Hayat Institute

## غزل

وصل وارن منجهائي ماريو آ،
سن سون ورنہ گهڻو ڏتاريو آ.

رشڪ ڪائي نہ ڪيئن دل منهنجي،
چنڊ ڪنهن بام تي آياريو آ.

ڪاش تيئن منهنجي زندگي سنوري،
سهڻي جيئن زلف کي سنواريو آ.

ڇا بلا هجر ڇا آفت آ وصل،
مون گهڻو بحث ان کي ٽاريو آ.

جو ڪڏهن "مير" نہ پئي وسري سگهيو،
سو وڏي وير مون وساريو آ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ايڏو يــاد توکي ڪريان ڦــو پيارا،
جيڏا عرش تـــي هـي ذمين ڦـو ستارا.

ايڏو يـاد منهنجي انــدر ۾ تـون آهين،
جيڏا ڪنهن مٿي تـي آهن وار ڪارا.

ايڏو تو وٽين مون کي محبوب منهنجا،
جـيـڏا تـــا وٽـــن وت بستي نظـارا.

ايـڏي آس آهـــي، مــاڻ لاءِ تنهنجي،
ڀڏل جيئن ڪو چاهي نـدي جا ڪنارا.

جيئن طوفان ۾ لهرون ۽ آرڙهه ۾ گرمي
تيئن آهن اوهــان لئي انــدر ۾ اوپـارا.

جيئن تـــاڙو ڦـــڙي لاءِ پـريشان آهــي،
جيئن پاڻي ري ماهي پـري تي شوڪارا.

ايڏو "مير" ساري تو سهڻا اوهان کي،
جيئن برســات ساريـــن سانــگـي ويچارا.

Gul Hayat Institute

# رديف "ب"

## غزل

رخ روشن تـا چمن واه زلـفـن جـا نصيب،
قريبِ لب تـا رهن واه ڳـلـن جا نصيب.

اسان تہ خاڪ نقشِ پـا بہ ٿي نہ سگهياسين،
اوهان جهوڙي ۾ هنيا تن واه ڳان جا نصيب.

اسان منسوب نہ ٿياسين اوهان سان يار ڪڏهن،
پيٺ تنهنجي ۾ رهن ٿا سر و سمن جا نصيب.

اسان ڪي ديد نہ تنهنجي نصيب ٿي دلبر،
اڱڻ تـي آئين گهمي ٿيا صحن جـا نصيب.

اسان ڪـي سهڻا مـقـدر ۾ آه و درد مليا،
اهي ٿـي "مير" هميشه ٿيا عاشقن جا نصيب.

Gul Hayat Institute

## غزل

وري بدگماني جو ڪهڙو سبب،
هي نئي مهرباني جو ڪهڙو سبب.

ڪرڻ چاڪ آيا حزين دل کي آهيو،
ايڏي جانفشاني جو ڪهڙو سبب.

وري زخم ڇو ٿا ڏيو چاڪ دل تي،
انهي هي نشاني جو ڪهڙو سبب.

وري سر ملايو پيا ڇو عدو سان،
انهي هم زباني جو ڪهڙو سبب.

وري ياد آيو آهي "مير" ڇا لئي،
انهي قدرداني جو ڪهڙو سبب.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

آهون دانهون ڪري آپاري شب،
توبه توبه ڪري گذاري شب.

رات پر غم جو درد جو احساس،
ڪيڏي بي درد هئي سا ڪاري شب.

جنهن جي هڪ هڪ گهڙي قيامت هئي،
زهر جو ڍڪ ڪري آتاري شب.

هاڻ ڪو چنڊ ڪو نه تارو آ،
رات پر مون سڄي نهاري شب.

"مير" هي رات عجب رات هئي،
ڇو ته دشمن ڏني اڌاري شب.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ٻ"

## غزل

ڪئي دشمن پچار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ،
خزان بعدِ بهار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ.

اچي پيو قافلو شايد غمِ هجران سندو يارو،
طرف هر هڪ غبار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ.

ڪئي هو بدگمان تي اج تہ نہ مون کي ڇڏي ويو آ،
نظر تي اشڪبار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ.

دڪانِ دل جو مالڪ ڇا وڃي پيو شهر پنهنجي مان،
ڇو ويران تي بزار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ.

اسان ترڪِ محبت "مير" ڪئي آهي تہ پوءِ ڇا لئي،
هي ڪنهن جو انتظار آهي وري ڦرڪي پيو اج پٻ.

Gul Hayat Institute

# غزل

سڄڻ ڪلفت جي شيري کان چڱي محبت جي آهي رب،
پلائن کان سفا تنهنجي مٺي دعوت جي آهي رب.

گهٽا شه زور شهزادا ٽڪا دعوت ڏئي سون کي
قبولي يار مون تنهنجي سدا الفت جي آهي رب.

پلي ڪو ساد گي پنهنجي منجهان سمجهي ڪم نه سمجهي،
جدائي هجر کان بهتر سڄڻ قربت جي آهي رب.

وفا جي جنهن ۾ آ خوشبوءِ حيا جي چاشني آهي،
سٺي سيني طعامن کان اها رغبت جي آهي رب.

تڪبر آ ريا آهي جتي اي "مير" نفرت آ،
لڳي ان بادشاهي کان چڱي غربت جي آهي رب.

□

Gul Hayat Institute

# غـزل

سوچ تي هـر گمان تـي آهي آپ،
دل جي ويران مڪان تي آهي آپ.

آه تـــي ڇـــو خـفـا ٿيو آهين،
ڏس تـہ هـو آسمان تـي آهي آپ.

ان سان دنـيـا جو ڪارخانو هلي،
ٿــي حاوي جهان تـي آهي آپ.

ان ڪري پٽي فغان اندر مان اٿي،
ٿــي غالب فـغـان تي آهي آپ.

"مير" ان لاءِ پيو نـظـارو وٺــي،
ٿــي طـاري سـمـان تـــي آپ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "پ"

## غزل

زماني جــا سهڻا دغــابــاز سپ،
حسين ٿيا هتي جا جفا بــاز سپ.

مان کهڙا ادائن جا نالا وٺان،
ٿي قاتل اسان جا پيا نـــاز سپ.

هي اکيون هي ابرو هي زلف هي لب،
ٿيا دل جهپڻ لئي آهن بـاز سپ.

ٿي مجنون ويـاسين اسان عشق ۾،
رسي ويا اسان کان ادا ساز سپ.

اسان "مير" الفت گهڻي ٿي لکائي،
کلي پيا زماني تي هــي راز سپ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

منهنجو دلبر سدا آهي اڻ لب،
مون آ ڳوليو صفا آهي اڻ لب.

هو ته ويجهو آ وينو ساهه اندر،
پر تو چاڻي خدا آهي اڻ لب.

غير وٽ دم بہ دم پيو ٻڌجي،
پر هتي دلربا آهي اڻ لب.

هون ته دنيا ۾ پيار سستو آ،
پر هتي تي وفا آهي اڻ لب.

"مير" جرم، وفا تي هو آ خفا،
هن جي اهڙي سزا آهي اڻ لب.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ڏکيا مرحلا تيا جدائي ۾ سڀ،
اهي روڳ آهن وفائي ۾ سڀ.

آيو وات ۾ آ ڪليجو اسان جو،
اهي معجزا تيا جفائي ۾ سڀ.

طرفدار منهنجو رهيو ڪوبہ ناهي،
ويا ٿي اوهان جا خدائي ۾ سڀ.

برائي چڱي هئي بري هن جهان ۾،
ٿيا هي ڪرشما ڀلائي ۾ سڀ.

اسان "مير" صلح و صفائي رکي آ،
پيا يار ڏسجن لڙائي ۾ سڀ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ت"

## غزل

تنهنجو پيار ۽ منهنجي محبت،
ديس تان قربان پنهنجي چاهت.

هاڻ نہ مل ڪنهن هوٽل تي تون،
پلڪي وچ سا پهرين الفت.

"شاليمار" جي ڪيفي جي اڄ،
سا نہ رهي آ ساڳي رنگت.

ڪيئن ملون ڪنهن پارڪ ۾ جو،
ٻاهر گولين جي آ وحشت.

ڪرفيو جي قانون اندر اڄ،
قيدي آهي تي هر قسمت.

هاڻ نہ اچجان ان راهن تان،
خطرو آهي سهڻا تيو جت.

تنهنجي منهنجي شهر جي "مير"،
ابتر تي وئي آهي حالت.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

زندگي ڀر نه وساري ٿو سگهان رات جي رات،
ڪنهن محبوب مسيحا سان ملاقات جي رات.

هاءِ ظالم جو ڪاي پيار سان پاڪر پائڻ،
دل ۾ طوفان اٿاريو انهي جذبات جي رات.

وصل جي تيز مهڪ ۽ ٻي خوشبوءِ،
دل کي پاگل ڪندي لمحات جي رات.

هو ڏجي گوڙ ڪان سيني سان لڳو،
واهه ساوڻ تنهنجي برسات جي رات.

"مير" اڄ واعدا وفا جا پريا،
ٿي عجب ڪرم و ڪرامات جي رات.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

وفا ۾ مون کي ائين يار ڏني آهي شڪست،
خزان کي جيئن تہ بهار ڏني آهي شڪست.

وتان مسرور ۽ مغرور پيو زماني ۾،
ڪہ رنج و غم کي قرار ڏني آهي شڪست.

ترڪِ الفت کي ڪيئن ناصح چئو مڃان،
ڪہ نفرتن کي وري پيار ڏني آهي شڪست.

هي چمن هي گاي هي حسين بام و حصار،
وري صحرا کي ديوار ڏني آهي شڪست.

اي ”میر“ پنهنجي جنون کي غمن کي سودا کي،
اڄي اڳڻ تي اکين نار ڏني آهي شڪست.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

وفا جي راهہ تي نہ ڪر عجلت،
حسين بلا سان نہ ڪرڪا محبت.

عشق ۾ درد ٿـــي چڱو آهـــي،
تون سکن ساڻ رک نہ ڪا صحبت.

ڪاش رشتو اهـو ٿـي راس اچـي،
روح وارن سـان چڱـي آ رغبت.

جنهن ۾ شهر عدو جـــو ديـرو آ،
ان شهر سان بـــہ چڱـي آ الفت.

"مير" ڪيڏو جهان کي سمجهايوف،
ڳالهہ هڪ هڪ ۾ وئي تي حيرت.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف ”ٽ“

## غزل

نظر اوهان جـــي چڪي چئي آٽ آٽ،
بـــزم ۾ آهي لـڳـي پئـي آٽ آٽ.

ڇـــا ڪرين پيو هتـي اڪيلو تـــون،
آٿـــي ســـاري سنگت آ، وئي آٽ آٽ.

حسن وارن جي لٽ لٽـان ٽــي پئـي،
ڪجهه نـه آهـي تـه دل ڏئـي آٽ آٽ.

تـون وفـائن تـي ڪهڙو نـاز ڪنديـن،
اهـــڙا آيـــا ويـــا ڪئـي آٽ آٽ.

اي ”مير“ اهڙي بـــزم ۾ ڇـو وهين،
خـلاف دل دمـــاغ پـــئـي آٽ آٽ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

چمن ۾ آهي خزان ۽ بهار ناهي ڪٿ،
قرار ڳولي ٿڪاسين قرار ناهي ڪٿ.

سهاڻا منهنجي مٺي جا صفا الڳ آهن،
ڏٺاسين يار ڪٿين منهنجو يار ناهي ڪٿ.

اسان جي مجنون ٿياسين دشت آيو اڳيان،
ڪٿي نه سر کي ٽڪايون ديوار ناهي ڪٿ.

وفا نه آهي ڪٿي ۽ نه ڪٿ ادا آهي،
اکين جي آڏو اکين جو نه ٺار ناهي ڪٿ.

اي "مير" پيار جي بدلي دلين ۾ پاپ آهي،
چون ٿا پيار جهڙن کي سو پيار ناهي ڪٿ.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف ”ٿ“

## غزل

ڏسڻ ۾ اچــــي پيــو زمــانو ٱلٽ،
ڪهاڻـــي ٱلٽ ۽ فسانـــو ٱلٽ.

اوهان ڪونہ چاهيو مٺا وچي ٿيو،
ٿيو يـــار تنهنجو بهـــانـــو ٱلٽ.

ڪٿي دل ڪٿي يار سنهنجو جگر آ،
نـــہ هڻ يـــار اهڙو نشانو ٱلٽ.

عجب دل جي دولت هئي هن جهان ۾،
ٿيو لٽ لــٽــان ۾ خزانـو ٱلٽ.

اسان ”مير“ جنهنکي مقدر ٿي سمجهيو،
ٿيو يـــار جانـــي يگـانـو ٱلٽ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

محب جي فراقن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ،
ورونهہ جي وراڪن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ.

ملي ٽو نہ محبوب نہ دل ٽري ٽي،
پنهنجي دانهن واڪن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ.

عقابي اکين جون ڪهاٽيون چئون ڪهڙيون،
سندن زخم چاڪن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ.

اڇون ٿا گلي ۾ ءِ سوئي وڇون ٿا،
انهي بند ٽاڪن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ.

امان "مير" ڪنهن کي قصا هي ٻڌايون،
تہ ٽيا ڦارون ڦاڪن سندا دل ۾ ڪئي ڦٽ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

جهان جا هـــي ڏينهن چار آهن آٿـي لٿ،
مـــزا چند ڏينهن يـــار آهـن آٿـــي لٿ.

جواني جـــون شامون اچان رنـگ ۾ هـن،
پـريـا پـيـا هـي بـازار آهـن آٿـــي لٿ.

پسايو پـــريـــن يـــار جـلـوو آ جانـــي،
گهڙي دم جـــا ديـدار آهـن آٿـــي لٿ.

ڪڏهن لب تـي لالـي ڪڏهن وار ڪارا،
حـسيـنـن جـــا سينگار آهـــن آٿـــي لٿ.

عجب "مير" سودا هتي تـــي وڃـن تـــا،
ورونهہ جا هـــي واپـــار آهن آٿـــي لٿ.

□

Gul Hayat Institute

# "رديف ٿ"

## غزل

وفا جي بدلي ۾ جفا ٿي ڏئي وٿ،
ڏئي وٿ تون بس گلائي ڏئي وٿ.

اسان کي محبت جي سهڻي خطا تي،
اي سهڻا سڄڻ تون سزا ٿي ڏئي وٿ.

اسان لاءِ سهڻا اوهان وٽ اگر ڪا،
جزا جي نہ آهي خطا ٿي ڏئي وٿ.

اسان کي سڄڻ توسان ڪرڻو آ سودو،
ڀلائي جي بدلي برائي ڏئي وٿ.

اسان "مير" آهيون اسان کي ڇا پرواهہ،
ڀلي تون عدو کي خدائي ڏئي وٿ.

Gul Hayat Institute

□

# غزل

هو ڪندو اعتبار اسان تي نيٺ،
ورندو هن جو پيار اسان تي نيٺ.

هيل پل ظلم ۽ جفائون ڪري،
رحم آڻيندو يار اسان تي نيٺ.

اڄ خزان آهي تہ گلا ڇو ڪيون،
ڪڏهن ورندو بهار اسان تي نيٺ.

ڏسجي تڙپائي ڪيس تڪ ٿو فراق،
ايندو هي آخر قرار اسان تي نيٺ.

"مير" ڪيڏو بہ خوش فهم تون تي،
ايندو بہ رهم بار اسان تي نيٺ.

□

Gul Hayat Institute

# "ردیف ث"

## غزل

ڪنهن جي الفت ۾ ديوانا ٿيا عبث،
هوش ڏسندي ئي روانا ٿيا عبث.

ڪير آهي جو نڀائي ٿو وفا،
خلق ۾ ڪيڏا فسانا ٿيا عبث

دل جي ڏين ها تہ شروع کان ڏين ها،
هاڻ ڏين ٿو تہ بهانا ٿيا عبث.

دل تہ پهرين نظر ۾ ٿي گهائل،
يار جا ڪيڏا نشانا ٿيا عبث.

بي وفا يار سان وفا ڇا "مير"،
قول ڪيڏا نہ سهانا ٿيا عبث.

Gul Hayat Institute

# ردیف "پ"

## غزل

حسن وارن سان دل وڃي ٿي هپ،
خوف کھڙو ڪرين انهي ۾ ڏپ.

منهن مڙن غير سان مناسب آهي،
تير نازڪ نگاهه جا تون جهپ.

حسن جي در تان اهو ڪاهي آ،
لوپ چڏ پيار جي کھٽي آ لپ.

تون ڪسڻ سان ڪمال وينو ڪر،
عشق جو آهي جي مڏو اڄ ڪپ.

"مير" محبوب جا اکين تي انگل،
سوز سيني ۾ تون سمورا ڏپ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

اوهان جي وفا جو هميشه آهي ڪپ،
اوهان جي عطا جو هميشه آهي ڪپ.

نہ گهرجي سخي کو اوهان کان سواءِ،
اوهان جي سخا جو هميشه آهي ڪپ.

نہ آهي اوهان ري ڪٿي ڇوٽڪارو،
اوهان جي شفا جو هميشه آهي ڪپ.

تون ئي دارون آهين منهنجي درد جو،
درد کي دوا جو هميشه آهي ڪپ.

عجب "مير" آ بي بها هي خزانو،
مون کي ٿي دعا جي هميشه آهي ڪپ.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "ج"

## غزل

توسان کهڙي کريون منٿا ڪا هـج،
کهڙي پوري آ تـي پـڏا ڪا هـج.

جيئن ڪرم غير تي اسان تـي بـہ ڪر،
ٻي ڪريون کهڙي اڄ جـدا ڪا هـج.

رحـم راڻـل پـوي تـہ مرڪي اچ،
مـيچ اها نـالـي تون خـدا ڪا هـج.

تـون ڪريـن عهدِ وفـا يـار وري،
پـوري منهنجي تـئـي اهـا ڪا هـج.

"مير" ڪڏهن شڪر صبر پـڻ ڪر،
ڇا لـئہ هر هر ڪرين سـدا ڪا هـج.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڄ"

## غزل

وڃــن درد ۽ ڪا دوا تــي پــئــي اڄ،
حسينن جـــو وعدو وفـــا تـــي پـــئـي اڄ.

اڃي مون سان ڪن هو رهاڻيون ڪهاڻيون،
۽ مون ڪان حسين ڪا خطا تـي پئي اڄ.

هڻن درد منهنجي تـــي مهر وفـــا هــو،
سندن بوسو مون ڪي عطـــا تـــي پئي اڄ.

حسينن جـــي دل ۾ اچي رحـــم جيڪر،
وري مهربان جـــي خـــدا تـــي پئي اڄ.

اسان جـــي تـــه ساڳـي تمنا آ تـــوري.
هـــو مرڪي اسان تي فـــدا تي پئي اڄ.

اچـــي "مير" مرڪي گـلي ســاڻ لائين،
اگـر بـــار ســاهـي دعـا تـــي پئي اڄ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

دلبر ڪڏهن تہ منهنجي آهہ و فغان ڪان ڏڄ،
هن دل اندر جو آهي آتش فشان ڪان ڏڄ.

ڇو درد ڏين تو دل کي دلبر سبب سواءِ،
مظلومِ محبت ڪان ۽ بي زبـــان ڪان ڏڄ.

جو بـــي ضرر بظاهـر ليڪن وڏي بـلا آ،
اندوه و غم جي بادل هن بي ڪران ڪان ڏڄ.

حسرت بہ ڪڏهن سهڻا وحشت تيو پئي تي،
ان لاءِ هر گهڙي تون دل بدگمان ڪان ڏڄ.

هن "مير" کي اي سهڻا نہ ايترو ستاهہ تون،
فطرت جي انتقام ڪنهن ناگـهان ڪان ڏڄ.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "جهہ"

## غزل

واھہ جو یار ڏنو آھي وجهہ،
سهڻي سرڪار ڏنو آھي وجهہ.

مرڪي مرڪي اڱڻ تي آيو آ،
دوست دلدار ڏنو آھي وجهہ.

قرب جا قول اڄ ھو پاريندو،
محب منٺار ڏنو آھي وجهہ.

دير تڪ دلربا ديدار ڏئي،
سونهن جي سردار ڏنو آھي وجهہ.

"میر" ھردم ھو مهربان رهي،
مون کي ھر وار ڏنو آھي وجهہ.

Gul Hayat Institute

□

# ردیف "ج"

## غزل

دلبر درد ٿو ماري منهن تہ ڏيکاري وڃ،
سگهان ٿو سهڻا سرڪ پياري وڃ.

سوچي سوچي دلبر دل آ ديواني تسي،
اچ تہ اچي تون منهنجا هوش آڌاري وڃ.

سون کي مزو آ مٺڙا تو لئہ تڙپڻ ۾،
اکڙيون يار عجيب اچي تون آلاري وڃ.

قرب اوهان جي آهي سڄڻ وڃ سير ڇڏيو،
هاڻ اچي ڪو حبيب اتان تون اڪاري وڃ.

"مير" وتي ٿو ماندو تنهنجي سرڪڻ لاءِ،
نالي خدا جي نرسل سرکي نهاري وڃ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

رهه نه گهڻو هڪ جهات ڏسي وچ،
اکڙين جي برسات ڏسي وچ.

تنهنجي اکڙين پيارين پيارين،
جا آ ڏني سوغات ڏسي وچ.

تنهنجون خوشيون توکي مبارڪ،
غم وارن جي رات ڏسي وچ.

ڪيئن ڪنو نه آ درد جدائي،
ڪيئن ڪيو آهي ڪات ڏسي وچ.

پل ۾ ماري پل ۾ ٿي جياري،
عشق جي ڏاڍي ذات ڏسي وچ.

”مير“ جيئي بي جان و جگر پيو،
ڏاتر جي هي ڏات ڏسي وچ.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "چ"

## غزل

پڇي آس دل جي پرين يار اچ،
ڪريون يار ڏاڍا ويهي پيار اچ.

نه ايندين جي سهڻا نه هي رات ويندي،
ڪري هار جاني ۽ سينگار اچ.

پلي پوء وڇوڙي جو ڪر وار مون تي،
هلي هوت مون وٽ تون هيڪار اچ.

سڄي عمر ساري تڪو يار آهيان،
ڪريون دوست دل ساڻ ديدار اچ.

ورونهه ۽ وڇوڙي منجهايو آهي "مير"،
حسين هاڻ سچ تون هنيين هار اچ.

Gul Hayat Institute

□

# رديف "چ"

## غزل

ڪري ياد ڪنهن کي اي دل تون وري ليچ،
ستان درد تنهنجا وڃن ھي اُري ليچ.

ڪٿي ترس تو تي پرين ڪائي پرچن،
ڪري درد دانھون سڄو ڏينھن چري ليچ.

جي خاموش ٿيندين ته خامين تون رهندين،
بري آ برھ جي ڏکي ھي جري ليچ.

نه سوچون سڏون ڪر سڄڻ ڪان سواءِ،
سوا سوزِ الفت نه ڪنهن جي سري ليچ.

ڪري "مير" ڪھڙيون جدائي جون ڳالھيون،
تون سمجھين تي ساري حقيقت ذري ليچ.

Gul Hayat Institute

□

# ردیف "ح"

## غزل

ڪريون شان احمد جي هر دم مدح،
وڃائي دلين جا تي سڀ غم مدح.

اڃايو پريشان ڇو آهين تيو،
تي ذائل ڪري ڪيئي ظلم مدح.

اڇي دوستو درد ڪو سامهون،
تہ گڏجي پڙهو سڀ تي باهم مدح.

اگر دل ڪي زندهہ تو چاهين رکڻ،
تہ اي يار پڙهندو رهہ پيهم مدح،

گهڻا "مير" حيلا هلائي تڪس،
پنهنجو درد داروں ئي جاتم مدح.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ايئن بدلجي نه وڃ يار موسمن جي طرح،
اڪيون نه ڦير سڄڻ سائين تون رتن جي طرح.

اسان جي پيار ڪيو ا ته پاپ ڪهڙو پرين،
سزا نه ڏي تون اسان کي هين ملزمن جي طرح.

اسان جذبات محبت ۾ ڪئي خطا هوندي،
نه ٿي تون لال اسان تي پنهنجي ڳلن جي طرح.

ڪڏهن ته ناز ڪري محب مل اچي مون سان،
پري ۾ دور نه ٿي سرو ۽ سمن جي طرح.

ڪڏهن ته "مير" جا محبوب واپس اڱڻ اچ،
ڪڏهن ته مهڪي هي ايوان به گان جي طرح.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "خ"

## غزل

سو چنڊ ڪيئن ڏسي جنهن آ ڏٺو يار جو رخ،
اوهان تا باغ ڏسو مون ڏٺو بهار جو رخ.

منهنجي ڪيئن ٿئي رنج و الم ساڻ يار بسر،
هن جي رخ ۾ آ ڏٺو مون وري قرار جو رخ.

هو جتي آهي اتي ئي سدا رهي ٿي دل،
مون وري هن جي تعاقب ڪيو ديار جو رخ.

زمانو ڪيڏو بگاڙي سندم نصيب ته ڇا،
هن جي هٿ ۾ آهي تقدير جي سنوار جو رخ.

اي "مير" ڇڏ تون زماني جي هن عداوت کي،
تون اٿي ڳوليهه جتي آهي تيو پيار جو رخ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "د"

## غزل

مهر ڪر تون مون تي بنامِ محمد،
بدستِ دعا آ غلامِ محمد.

ٿئي منظور منهنجي مناجات مولا،
ٿئي مقبول منهنجو سلامِ محمد.

بہ جز ان جي مون کي نہ مقصود ڪو آ
ورودِ زبان ٿئي ڪلامِ محمد.

نہ گهرجي تو مون کي ثنا و بيان جي،
زبان تي هجي صبح و شامِ محمد.

مهر ڪر اي مولا آ جيڏو ڪيو تو،
آهي شانِ اعليٰ مقامِ محمد.

آهيان "مير" عربي جي اُمت ۾ آئون،
اهو آهي ڪافي انعامِ محمد.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڇا شان تنھنجو اعليٰ نورالھديٰ محمدﷺ،
ڇا تنھنجي ڪيان ثنا مان بدرالدجيٰ محمدﷺ.

نبين جو نبي آهين محبوبِ خدا تون،
اعليٰ مقام تنھنجو شمس الضحيٰ محمدﷺ.

تنھنجا خطاب ڪيئي اي شافيءِ محشر،
تنھنجو غلام آهيان صدرالعليٰ محمدﷺ.

عاصي آهيان آمت ۾ رحمت ڪثير گهرجي،
حامي اچي ٿي منھنجو ڪهف الوريٰ محمدﷺ.

توفيق "میر" کي ڏي صلوات جي نبي تون،
آهين دلين جو مالڪ صلي علیٰ محمدﷺ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

آهيان منتظر مـــان سخـار محمد،
ٿئي ڪائي مون تـي عطا محمد؛

محمد جو روضـو آ انـوار رحمت،
جتـي چـــار ســـو آ ضيا محمد.

اي مولا ملي شل مقدر ۾ مون کي،
ڪا سنت نبـي جـــي ادا محمد.

گناهن کان دامن بچائي هلان سان،
ٿئي ڪاش حاصل حـيـــا محمد.

سوا ان جي بخشش نہ بي "مير" پانيان،
ستر پوش ٿئي شـل قـبـا محمد.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

نہ ٻيو آ وسيلو سوا محمد،
ٿئي ڪاش مون تي شفا محمد.

تہ محرومين جو ڍهي باب يڪش،
ٿئي حاصل اگر ڪا عطا محمد.

گنهگار آهيان سيہ ڪار آهيان،
ملي ڪاش مون کي ضيا محمد.

وڃن ٻي نوايون ٿين بادشاهيون،
ٿئي گر اسان تي سخا محمد.

آهي "مير" سو بادشاهہ زمانا،
ٿيو جو ٻہ آهي گدا محمد.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

آه اڄ اثــــر بـــار ٿئي شـايـد،
روبرو منهنجي يـــار ٿئي شايـــد.

هن کـي نفرت گهڻي هئي ليڪن،
اڄ بدلجي ســـا پيار ٿئي شايـــد.

ابـــر شايد وسي اگـڻ تـــي اڄ،
۽ ڪڪر جي بہ ڪار ٿئي شايد.

ڇـــا تمنـا ۾ عمر ئـــي ويندي،
ڪو تہ مون سان وهنوار ٿئي شايد.

"مير" ڇڻ لـک ملي خزانہ ويـا،
هن جي مرڪي نهار ٿئي شايـــد.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

بــوء گل بـوء وفـا آهـي پسند،
حسن جـي هرڪا ادا آهـي پسند.

عيب کان خالي ڪيو آهـي خدا،
هر طرح سان دلربـــا آهـي پسند.

هن جو چهرو چنڊ وانگي ٿو وڻي،
هن جي زلفن جي گهٽا آهي پسند.

تيــو هميشه مهربـــان محبوب آ،
ء منهنجي دل کي سدا آهي پسند.

"مير" هن جي سان ڪيان ڪهڙي ثنا،
ڇا ڇوان مون کي ته ڇا آهي پسند.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڏ"

## غزل

سڄڻ تو وڃائي محبت ۾ سڌ بڌ،
اها تي آ حاصل حقيقت ۾ سڌ بڌ.

ڏسي تنهنجا جلوا عجب يار جاني،
وڃي پئي اسان جي حيرت ۾ سڌ بڌ.

جنهين ڪئي دغا سي وڏيا نيت توکي،
وئي يار پنهنجي شرافت ۾ سڌ بڌ.

انگل آر تنهنجا ٻه ڪو يار سمجهي،
رکي آ سموري نزاڪت ۾ سڌ بڌ.

اسان "مير" کنهن کي مياري ڪيون ڪيئن
هٿن سان ڦيرائي آ الفت ۾ سڌ بڌ.

Gul Hayat Institute

# رديف "ڏ"

## غزل

خوشبوء جي بهارن جي نظارن جي ڳالهہ ڇڏ،
ڪر ڳالهہ پرين هڪ جي هزارن جي ڳالهہ ڇڏ.

هو آفتابِ حسن آ هن جو مثال ڪٿ،
هن جي ذڪر ڪان پوء ستارن جي ڳالهہ ڇڏ.

ناهي ڪا هن جي پيٽ ۾ تي سخت ئي ڪا دام،
صياد راهہ لڳ تون وارن جي ڳالهہ ڇڏ.

مرڪي وجهي ڳاڙي ۾ ٻانهون اگر سڄڻ،
پوء ڳالهہ ڇڏ گلن جي هارن جي ڳالهہ ڇڏ.

اي "مير" هن سواء گلشن ۾ چڻ خزان آ،
هن ڪان سواء باغ و بهارن جي ڳالهہ ڇڏ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

دل جا ٻئي ديدار کولي ڇڏ،
سامهون آرپار کولي ڇڏ.

کھڙيون ڦاهيون ۽ ڪاهيون ڦاهين تو،
مون لئي پنهنجا تون وار کولي ڇڏ.

دل جو ڏڙڪڻ تہ آهي توسان پرين،
تون ڀلي من جا تار کولي ڇڏ.

باغ، دل جا نہ گل سگهي سگهندا،
منهنجي اکڙين جا نار کولي ڇڏ.

مرڪ جو لب جو پيچ قابو آ،
تون ڀلي سامهون دار کولي ڇڏ.

من جو قيدي پکي هري ويو آ،
تون ڀلين ان کي يار کولي ڇڏ.

"مير" هن جي عجب ڀڳهر آڏو،
مشڪ و عنبر ٽئي خوار کولي ڇڏ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڊ"

## غزل

سهڻو سيڻن کان آ منٺار چڻ چنڊ،
ايئن آهي منهنجو هنيين هار چڻ چنڊ.

اچي تو اگڻ تي ٿئي ٿي سهائي،
سڄڻ سائين سهڻو منهنجو يار چڻ چنڊ.

اکڙيون انهي جون خماري خماري،
ڀرون اهڙا آهن تلوار چڻ چنڊ.

ڏسڻ سان گمان ٿيو مٺي تي عجب آ،
لڳو هين سندس آهي ديدار چڻ چنڊ.

مک يار جو "مير" آ ماهتابي،
هجي رات چوڏهين سندو تيار چڻ چنڊ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ي"

## غزل

نہ لڳ يــــار جاني ڪدورت جي ڪلي،
هميشه تـــي حامي محبت جـــي ڪلي.

سلامي هـــي سنسار تنهنجو ٿـي رهندو،
مگر رهہ هميشه تـون حقيقت جي ڪلي.

اسان کي بـــہ تنهنجي وڏي وات پيارل،
ڪ تـون تين سدائين شرافت جـي ڪلي.

حقيقت ۾ تنهنجـو حـــسن سورهياڻـــي،
نـــہ رهہ يـــار سهڻا نزاڪت جي ڪلي.

اسان "مير" ان سان محبت ڪيون تـا.
ڏسون تـــا جو هـر دم الفت جي ڪلي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

چڱو ناهي ڪينو ڪدورت ڪـي ڪيو،
سـدا مرڪ مـٺڙا نفرت ڪـي ڪيو.

مزو تـہ وٺي ڏس محبت جو پـيـار،
ٿئي واهہ وڏائـي وحشت ڪـي ڪيو.

سـٺـو آهـي مـٺا رهـن پـاڻ ۾،
پرائـي گـلا ڇـڏ غيبت ڪـي ڪيو.

پـريـن پيار ڏي ۽ پـريـن پيار وٺ،
بي هر غم الـم جي مصيبت ڪي ڪيو.

ڇڏي "مير" سان ويهہ نہ محبت لطيف،
لڪائي نـہ رک ان لياقت ڪـي ڪيو.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ذ"

## غزل

ايئن دل جي حالت نہ ڪر تون اخذ،
آهي ڇا محبت نہ ڪر تون اخذ.

لنگهي آءُ پيارا هتي وچ پنور ۾،
ڪنارن تان وحشت نہ ڪر تون اخذ.

دلِ درد ور سان نہ ڪر نرم ڳالهيون،
سندم شوق و حسرت نہ ڪر تون اخذ.

زماني ۾ سهڻا ايئن سڀ ٿئي تو،
منهنجي ديدِ عبرت نہ ڪر تون اخذ.

اسان "مير" ماڻهون زمانا تما چاڙون،
انهي ۾ ڪا حيرت نہ ڪر تون اخذ.

Gul Hayat Institute

□

# رديف ”ر“

## غزل

هر حسن ۾ حسن سـولا جو سدا آ جلوه گـر،
هـر سمت الله ئـي الله جان تلڪ پهچـي نظر.

هي گل و لالہ هي خوشبو هي حسن احساس تڪ،
هرڪو مولا جي مهر سان زنـدھ آهـي سر بسر.

دل جو ڌڙڪڻ ساز جا سر گونج ڪڪرن جي سڙُئي،
هن جي جنبشِ حڪم جا هردم رهن تـا منتظر.

هـر غني محتاج آهي هـر سخي سوالـي هتي،
شهنشاهن تڪ گـدا آهـي خـدا اڳيان بشر.

”مير“ ڇـا جي لاءِ دنـيـا جا نهارين در پيو،
سـن ۾ مولـيٰ کي سڏيندو ڪر ڏجيندو ڪر.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

پـــي ويئن پوءِ خطا يـــاد نـــہ ڪر،
تـــي وئي جا بـــہ گلا ياد نـــہ ڪر.

گردشِ مئي هجر ۽ شـام جـــو وقت،
چيز هڪ آهي جـدا يـــاد نـــہ ڪر.

ڪڏهن ڪڏهن تـــہ وصل ياد بہ ٿئي.
تلخيءِ هجـر ســدا يـــاد نـــہ ڪر.

مئي ڪشي بعد پـــلائـــڻ آ چڱـــو،
پـي وري ڪنهن جي ادا ياد نـہ ڪر.

"مير" چو تو پئين تون اڄ بي حساب،
تلخي و رنـج و بـلا يـــاد نـــہ ڪر.

Gul Hayat Institute

# غزل

ٿيو ناز جي صاحب کي آ ناز و ادا سان ويرُ،
۽ منهنجي منت آزي هر التجا سان ويرُ.

سوچان ٿو بغاوت نه ڪري دل ويهي سندم،
۽ ٿي پوي نه مون کي هر خوشنما سان ويرُ.

ڪالهه رات چيم يار کي بوسو ته ڏيئي ڏي،
مون کي چيائين مير اتم ان خطا سان ويرُ.

بي اثر آهه منهنجي اڳيان بيوفا جي آ،
منهنجي دعا سان وير آ منهنجي وفا سان ويرُ.

اي "مير" حسين يار ڪڏهن يار نه ڪجي،
ورنه ٿيو پئي ٿو هر دلربا سان ويرُ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ايڏو هاڻ اسان سان پيار نہ ڪر،
سکھو ساھہ پنھنجو دشوار نہ ڪر.

ڪجهہ دير ترس ڪجهہ دير تہ ويهہ،
اقرار مٿي اقرار نہ ڪر.

ٿئي دنيا جا دستور ڏکيا،
تون ايڏا انگل اختيار نہ ڪر.

سچو لوڪ ڏسي پيو يار سڄڻ،
ايڏا اکڙين سان تون وار نہ ڪر.

هن "مير" فقير دلگير سان تون،
ايڏا الفت جا اظهار نہ ڪر.

Gul Hayat Institute

# رديف "ڙ"

## غزل

صبر ڪر صبر ڪر نہ ڪر خام رڙ،
ٿئين ڳالهہ ناهي آهي عام رڙ.

صبر جو وڏو آ صلو دوستو،
وڃائي ٿي هر هنڌ انعام رڙ.

جي دانهون ڪرين ٿو تہ دلبر کي سڏ،
ايئن يار ڪر نہ تون بي نام رڙ.

ڪٿي دوست پڻ منهن نہ موڙي ويهن،
چڱي ناهي همدم صبح شام رڙ.

سنو آ رهين "مير" جي صبر سان،
ڪٿي ٿئي نہ دلبر تي الزام رڙ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ز"

## غزل

ڪوشش نہ ڪر اڳيان آهي دلبر ٿيو چار گز،
اڪيون تہ ڪول داورِ محشر ٿيو چار گز.

هيڏي هاڻ ڪان پوءِ ويهڻ آهي حيف ٿيو،
منزل جو معاملو نہ پري ڪر ٿيو چار گز.

ڇا لئي حوس ۾ لوڀ جي رستي تي هلين ٿو،
هستي جو ڏکيو ناهي سفر پر ٿيو چار گز.

ظاهر اکين سان تون نہ ڏسي سگهندين نظارو،
دل جي نگهہ تون ڏسين منظر ٿيو چار گز.

اي "مير" عزت آبرو لاءِ نہ آ جاگير،
دل جي غني آهي تہ پوءِ بهتر ٿيو چار گز.

Gul Hayat Institute

□

# رديف "س"

## غزل

هو تــو چاهي تہ التجائون ڪندس،
بـــي وفـا تي بـہ وفـائون ڪندس.

عـشـق ۾ هـــا ايئن بـــہ تيندو آ،
بي مهر کي بہ پيو دعائون ڪندس.

من ڪڏهن بـي وفـا سمجهي،
خود غرض جون نہ سان گلائون ڪندس.

هـــن لـکيـو ترکِ تعلق جـــو آ،
پوريون پنهنجون پيو سزائون ڪندس.

چپ رهـڻ "مير" عشق جي آ شرط،
صبر ۽ سوچ سـان صلاحون ڪندس.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

سڄي رات رانهون نهاري تکي پيس،
پرين تون نه آئين پڪاري تکي پيس.

صبح سور سهٽا نه ڏي واندڪائي،
سوين ڪانگ قاصد اڏاري تکي پيس.

هجي رات هڪڙي ته سورن ۾ ڪاٽيون،
ڏکيون ڪيئي راتيون گذاري تکي پيس.

ڪڏهن نيڙو ايريا ڪڏهن آيون ڪتيون،
ڪئي آپ تي تارا اپاري ڪٿي پيس.

هلي "مير" وٽ آ پرين يار پيارا،
اگڻ آس وارا پهاري تکي پيس.

□

Gul Hayat Institute

# رديف ”ش“

## غزل

فريبِ عهدِ وفا توکي آ شابش،
اي دل خانئِ خدا توکي آ شابش.

سهي ستم جا وئين تير اي جگر منهنجا،
اي ستم آفرين سدا توکي آ شابش.

تو وسڻ ۾ اکين جي ڪئي آهي مدد،
اي بادِ باران گهڻا توکي آ شابش.

عمر ڀر تون شريڪِ جان رهين،
اي سوز درد و جفا توکي آ شابش.

بنائي ”مير“ کي ڇڏيئي فقير حسن سندو،
اي نگهه ناز و ادا توکي آ شابش.

Gul Hayat Institute

# رديف "ص"

## غزل

اڄان بہ دل تي آ تازو اوهان جو يار خلوص،
وساري ڪيئن ٿو سگهجي اوهان جو پيار خلوص.

لڳي ايئن ٿو سڄي زندگي جو حاصل آ،
اوهان جي مرڪ محبت ۽ پر بهار خلوص.

اوهان اڪيلا ئي ناهيو ته يا مهربان پرين،
اوهان جو آهي اڱڻ ۽ در و ديوار خلوص.

اوهان جون ناز و ادائون اوهان جو مرڪي ملڻ،
اوهان جون مهر و عطائون بي شمار خلوص.

اي "مير" منهنجي وفا کي بہ شرم آيو تي،
ڏسي سڄڻ جي عنايت ۽ بار بار خلوص.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ض"

## غزل

برين عادتن ۾ برو آ غرض،
سڀن کان تہ افضل ٿيو آ فرض.

چڱي آهي روٽي رکي يار ان کان،
جي سٺي بنائين ڪٺي ڪو قرض.

ٿي روڳن ۾ جي آهي ساهُ گهٽي،
غمن کان سٺي ڪو ادا ناهي مرض.

پڇو دوستو سڀ برين عادتن کان،
چڱو آهي منهنجو سڄون جي عرض.

ڪڏهن "مير" انسان مجبور نہ ٿئي شل،
ڏکي ٿا وڃن هي سماوات ارض.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ط"

## غزل

الفت ۾ ڪنهن حسين سان وفا جي نہ رک شرط،
ڏسندو نہ ڪي رهم ضمر ڪي ادا جي نہ رک شرط.

جي نازور ڪري نہ سخا ڪنهن بہ سبب ڪان،
تون ان سان ڪڏهن پنهنجي عطا جي نہ رک شرط.

سهٽا طبيبِ دل سهي ڪڏهن درد بہ آهن،
اي دوست حسينن سان شفا جي نہ رک شرط.

هو مهرور رهيا تہ اچي پاڻ ٿي ويندي،
اي يار حسينن سان قضا جي نہ رک شرط.

هن مرضِ محبت ۾ رهي زندگي تہ ٺيڪ،
اي "مير" محب ساڻ دوا جي نہ رک شرط.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "ظ"

## غزل

اي دلربا اوهان جي اکيان آهيان محفوظ،
ٻي جاءِ رهي ڪٿي نہ آهيان مهربان محفوظ.

تنهنجي زلف جي قيد ۾ قابو ٿيو بلا کان،
اي يار مان تو سمجهان آهيان نهان محفوظ.

آغوش ۾ لڪائي ڇڏين مون کي جي صفا،
دنيا جي شورشن کان لڪان ۽ رهان محفوظ.

دل تو کي ڏئي چين سان چاهيان تو مان رهڻ،
دلبر ٻين جي لٽ کان بچان ۽ ٿيان محفوظ.

زلفن جي هيٺ پهري آهن تو سندا رخسار،
چاهيان تو "مير" بوسا ڏيان ۽ هجان محفوظ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ع"

## غزل

الوداع اي يار جاني سونهن پريا الوداع،
مست جوڀن جا اي مالڪ دلربا الوداع.

رات هڪڙي تون رهي اڄ پيو وڃين،
اي سڄڻ محبوب مٺڙا دل گهريا الوداع.

ناز تنهنجي آ نهوڙي دل سندم،
درد ان جي تو سوا ڪٿ دوا الوداع.

تنهنجي الفت جو لڳي ويو تير آ،
اي منهنجي تقدير اي منهنجا قضا الوداع.

"مير" جا سڀ در وڃين پوري پيو،
ڪيئن چوان توکي وري سون ڪي بدا الوداع.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "غ"

## غزل

تنهنجي يـــادن جـو آهي روشـن چراغ،
تـــو سوا هي من آهي ۽ تـــن چراغ،

زندگـي ۾ تنهنجي صورت خواب جيئن،
چڻ ڪنهن اونده ۾ ٻريو پل ڪن چراغ.

ڪيئن ڀلا وسرن هي دل کي ڳالهيون،
جنهن گهڙي ٻـــاريـو هئو سهڻن چراغ.

جنهن ۾ موتي اشڪ جـــا مون ميڙيا،
اڄ اهـــو ساڙي ڇڏيـو دامـــن چراغ.

"میر" يـارن کان سواءِ ڪٿ روشني،
بـس ســـر محفل پـيـا ٻـُـڪن چراغ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف ”ف“

## غزل

سڀڻ سائين منهنجي خطا ڪر تون معاف،
سڀ هن پيرو سهڻا سدا ڪر تون معاف.

ڪٿان تنهنجي ڪاوڙ سڻي مون ڪان ٿيندي،
اي سهڻا اسان جي سزا ڪر تون معاف.

اسان مست آهيون سڄا تو تي ماندا،
ناهي هوش آهيون فدا ڪر تون معاف.

سڀڻ پيار ڏيندين پلو تنهنجو ٿيندو،
ڪنداسين اوهان ڪي دعا ڪر تون معاف.

رتو ”مير“ سان ڇو راڻا رهين تو،
خدا جو ٿئي نالو مڃا ڪر تون معاف.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ق"

## غزل

ڪر ڳالهہ سچي قاصد نــاهي هي چڱي ڪــق،
تـــا درد اتن دل ۾ ڇڏ هاڻ ٽــلـهـي گـق.

محبوب ڇيو توکي يـــا دل تـــو رکين تون،
مون کي تي لڳي ڳالهہ سراسر هي تنهنجي گق.

بـي درد ڏٺو مون نہ ڪڏهن آهي تـو جيهو،
صبح کان شام تڪ تون آهين وينو وتي گق.

هـــو نامهر ڪئي تـــو وري مهربـان تـئـي،
ڇڏ مون سان ڇرچ اهڙي ڪرين ڇو تو ويهي گق.

اي "مير" مقدر ۾ ڪئي يـــار اڇـي تـــو،
بس نـامبر ڪري تــو اجائي ڪا اڇـي گق.

Gul Hayat Institute

□

# رديف "ق"

## غزل

منهنجي قضا ۾ فــرق آ تنهنجي ادا ۾ فرق،
تنهنجي ســزا ۾ فــرق آ منهنجي خطا ۾ فرق.

ساقي ۾ فــرق مئي ۾ فــرق مئڪدي ۾ فرق،
رنگين گهٽا ۾ فـــرق آ بـــادِ صبا ۾ فــرق.

مون دل ڏني چڏي تون نہ وعدو ڏئي سگهين،
منهنجي سخا ۾ فــرق آ تنهنجي سخا ۾ فــرق.

مون وٽ فـغـان آهي تـــو وٽ آ شڪايت،
منهنجي گلا ۾ فــرق آ تنهنجي گلا ۾ فــرق.

هن "مير" جي اي سهٹا تـو سان نہ پيٽ آ،
ليڪن وفـــا ۾ فرق آ منهنجي وفـــا ۾ فــرق.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

تنهنجي بــي وفائي وفــا جي آ لائق،
منهنجي هــي وفائي سـزا جي آ لائق.

لکون ماجرا ڇـا غــم عشق جي اڄ،
کهائي اسان جـي حيا جـي آ لائق.

”مير“ جي محبت تي رحمت خـدا جي،
دوا ڪان چڙهي ويـو دعــا جي لائق.

حسن جي ڪا خيرات ڏيو ”مير“ کي،
هــي جوڀن جواني سخا جــي آ لائق.

وڃي خود جي سهڻو هي سمجهي چڱو آ،
ڪ هي ”مير“ موسم خطا جي آ لائق.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

وصل جي رات ۾ بـــہ آهـــي فراق،
تنهنجي هر بات ۾ بـــہ آهـــي فراق.

نــہ فقط مئي نئي ٿي هوش مـــڻـــا،
گردشِ حالات ۾ بـــہ آهـــي فراق.

تنهنجي ابـــرو ۾ هـــي اشـارو ٿيو،
چـــڻ ملاقـات ۾ بـــہ آهـي فراق.

نيرنـگِ دهـــر ۾ بـــہ سياهـــي آ،
هر رنگ جي بارات ۾ بہ آهي فراق.

"مير" ڪيئن ڪيف ٿئي قرار اچي،
وصل جي لمحات ۾ بـــہ آهي فراق.

□

Gul Hayat Institute

# ردیف "ڪ"

## غزل

سون کي ياد سو حادثو آ اڃان تڪ،
تنهنجي حسن سان واسطو آ اڃان تڪ.

تنهنجي وصل جو منتظر آهيان ليڪن،
تنهنجي هجر ۾ ٻيو مزو آ اڃان تڪ.

تنهنجي پيار کي مان ويهان ڪيئن وساري،
زبانِ خلق تي قصو آ اڃان تڪ.

تنهنجي زلف ڪارن جو قيدي ٿيس مان،
سون کي ياد سو سلسلو آ اڃان تڪ.

محبت ۾ تڙپڻ ناهي "مير" وسريو،
سون کي ياد هر مرحلو آ اڃان تڪ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

دنيا سڄي ۾ منهنجو مٺو مه لقا ملوڪ،
آهي سڀن کان سهڻو سڄڻ دلربا ملوڪ.

ڳالهيون عجيب ان جون بلبل جي چڻ سدا،
اکيون خمار پريل سهڻيون صفا ملوڪ.

ڪنهن ويل مون ڏنو نه ڪڏهن ڪي ملول آ،
صبح کان شام تڪ آهي سهڻو سدا ملوڪ.

چاهي اگر ڪو حاسد ته پيٺ پٺ ڪري،
اهڙو ڪٿي نه ٿاهيو ڪڏهن آ خدا ملوڪ.

اي "مير" هن جي کهڙي وا ٽاڻ اڄ ڪيان،
سڀ ناز عجب هن جا هرڪا ادا ملوڪ.

Gul Hayat Institute

# ردیف "ڪ"

## غزل

وٺي تـــي اسان کي عجيبن سندي اک،
سـڄـڻ يــار ســاڻهن مجيبن سندي اک.

ڏسڻ سان ڏريو تــي پـوي واهه پنهنجي،
نماڻـــن ابـوجهن غــريــبـن سندي اک.

هنيين ۾ عجب آهـــي هوري هٽي وئي،
حسينن، جميلن، حـبـيـبـن سـنـدي اک.

ڪڏهن روبرو ٿي هـو رهندا اسان وٽ،
ڪڏهن اک هي تيندي نصيبن سندي اک.

ڪڏهن "مـيـر" ڪيجي تمنا اهـــا آ،
عدوئـــن، دشمنن، رقـيـبـن سندي اک.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

شرابي شرابي سڄڻ آ تنهنجي اک،
ڪٿي ڪات آئي ڪهڻ آ تنهنجي اک.

سر بزم آه و فغان ٿي پئي آ،
آئي ڪوس ڏاڍو ڪرڻ آ تنهنجي اک.

اسان جي حزين دل پہ ڦاڪون ڪري وئي،
سڪي ڏاڍو ويئي وڍڻ آ تنهنجي اک.

جهپي دل وٺي سا چنبن منجهہ ڇائي،
سڄڻ موهڻ وارا سرڻ آ تنهنجي اک.

سڄا "مير" کي ڪٿ نہ آئي ڪڏهن ٻي،
عتابي هرڻ آ تنهنجي اک.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "گ"

## غزل

عشق تنهنجي جـي سچـي آهـي آگ،
ڪيڏي پـر سـوز سچي آهـي آگ.

برهه جـي ڪابه نشاني نـه رهـي،
هـا فقط هڪڙي بـچـي آهـي آگ

هاڻ ٻـي ڇـا سڄڻ نـه ملندين تون،
ڏس جگر تڪ رسـي اچـي آهي آگ.

هڪ طـرف رقـص جدائـي جـو آ،
ٻئي طـرف دل ۾ نـچـي آهـي آگ.

"مير" ڇـا مون کي جلائي سگهندي،
عشق جـي آگ کان ڪچي آهي آگ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڳ"

## غزل

مون حسن جو سهڻو ڏٺو سردار هئو نہ اڳ،
تير نظر سان ســن تيو بيمار هئو نہ اڳ.

وعــدا وصل جــا ڪيئي سهڻن ڪيا مگر،
بي چين دل ڪندڙ ڪو انتظار هئو نہ اڳ.

هئي مات ساز و سر ڪي بلبل ڪي صدا ڪي،
اهڙو عجيب ڪنهن جو گفتار هئو نہ اڳ.

سهڻن هميشه دل تــي ڪئي مهر و عطا پئي،
ليڪن اکين جي اڳيان هي شهڪار هئو نہ اڳ.

اي "مير" ڏسندي محب ڪي تي دل گرفتہ ويس،
ان ريت من ڪڏهن بہ گرفتار هئو نہ اڳ.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

منهنجي سڄڻ جا سانڍا ناز و ادا الڳ،
آهي سڀني کان سهڻو سڄڻ سه لقا الڳ.

واڪاڻ هن جي مون جا ڪئي شعر سندي ۾،
ديوان تنهن جا ڪيئي ٿيا ويا جدا الڳ.

هو چوڻ نه هجي بزم اندر لک هزار ۾،
ليڪن سڀائين ڏسبو سڀن کان صفا الڳ.

حسن ۾ شمار کان ٻه سٺي خوبيون ڏٺم،
مهر و عطا الڳ آهي حسن و سخا الڳ.

اي ”مير“ چوڻ نه قربان ان جي مٺان ٿيان،
هو شاهڪار حسن ٻه آ دلربا الڳ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "گھہ"

## غزل

دلبر سواءِ ڪهڙو دل جان جو آهي اگهہ،
وڪري سواءِ ڪهڙو سامان جو آهي اگهہ.

بي درد ساڻ ڪهڙا ڪجن درد جا بيان،
احساس سواءِ ڪهڙو انسان جو آهي اگهہ.

تو منهنجي وفا تي ڏنو سر ڪي تہ خوشي تي،
پورو مليو اسان جي ارمان جو آهي اگهہ.

خود ميزبان ٿئين تہ وڏي ڳالهہ تي پئي،
ان کان وڏيڪ ڪهڙو مهمان جو آهي اگهہ.

تو سر ڪي ڏنو "مير" ڪي ڪافي اهو آهي،
بس يار اهو دل جي دڪان جو آهي اگهہ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڳ"

## غزل

سهڻن سڄڻ مڙن سان صدين جا آهن سڳ،
مولا ڪري محب سان مڙئي هي پرن سڳ.

هر ويل حجت تن سان هلندي رهي اسان جي،
ڪڏهن نه پيارن جا دل تان هي لهن سڳ.

ويڙهي ۾ ويهي جن سان ڪيون قرب ڪهاڻيون،
اي ڪاش ڪڏهن من تان منهنجي نه وڃن سڳ.

جي دور ڪنهن سبب کان اگر ٿي ويا پرين،
الله ڪري ويجهو منهنجي سي ويهن سڳ.

اي "مير" محبت ۾ ڇاڻان نه سڄاڻان تو،
اکين اڳيان سدائين ڦرندا سي رهن سڳ.

Gul Hayat Institute

# رديف "ل"

## غزل

هن درد جي دوا ڪو ڪري آهي ته مشڪل،
بيمار جي شفا ڪو ڪري آهي ته مشڪل.

ڪافر جو جنهن کي تير لڳو دل جي آرپار،
ان لئہ ويهي دعا ڪو ڪري آهي ته مشڪل.

هي دؤر عجب دؤر آهي ڪم نگاهي جو،
ڪنهن تي وڃي عطا ڪو ڪري آهي ته مشڪل.

پٺي لاءِ رکي پنهنجي سدا دل کي مضطرب،
۽ غم سان مبتلا ڪو ڪري آهي ته مشڪل.

اي "مير" درد و غم جي ڪهاڻي نه ڪر بيان،
توسان وري وفا ڪو ڪري آهي ته مشڪل.

Gul Hayat Institute

□

# رديف "م"

## غزل

كيڏي نہ حسين آهي هي پيار جي موسم،
هر طرف آهي خوشبو بهار جي موسم.

ديواني ڀلا ڪيئن نہ ٿئي دل هي اسان جي،
هر سو اچي ويئي گل و گلزار جي موسم.

هڪ ذوق ملي ويو آ سندم چشم کي يارو،
گويا اچي ويئي آهي ديدار جي موسم.

هر گل مان سڄڻ تنهنجي اچي اڄ پئي خوشبو،
هر طرف آهي تنهنجي هٻڪار جي موسم.

اي "مير" خزان ۾ بہ تہ لطفِ بهار آ،
حاوي سڄڻ تي آهي رخِ يار جي موسم.

Gul Hayat Institute

# غزل

تنهنجو ورق نئون آ دل جي ڪتاب ۾
تنهنجو ملڻ ايئن آ خوشبو گلاب ۾.

ڇو تو سڄڻ لڪائين مهتاب جهڙو چهرو،
ڇو باهه تو لڳائين پنهنجي نقاب ۾.

مدهوش مئي ٿئي ٿي تنهنجي اکين جي اکيان،
مستي اچي وڃي ٿي گويا شراب ۾.

مرڪي ڏسڻ اوهان جو بي موت ڇڏي ماري،
دل ٿيو وڃي ڪباب تو تنهنجي حجاب ۾.

اي "مير" جا مٺا آهين ماڪي ڪان وڌ مٺو،
لکجي نه ڇو قصيدو تنهنجي جناب ۾.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

هو ڪليءِ بهار خوشبو مثل آهي چمن ۾،
هن جو خيال آگ لڳائي تو ذهن ۾.

هن ساڻ ئي بهار ۾ خوشبو آهي رتل،
هن جي حنائي دست سان آ خون بدن ۾.

هن جو حسين پيڪر آهي شراب ڇڻ،
هن جي ڪلڻ سان موتي ڪرن باغِ عدن ۾.

هن شوخ جي خيال ڇڏيو روح کي رولي،
مان بنجي مسافر تو هلان پنهنجي وطن ۾.

اي "مير" جڏهن مرڪي ملي تو اسان کي هو،
ڄڻ چنڊ لهي آيو آهي منهنجي صحن ۾.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ن"

## غزل

نہ ڪر يار مون سان هي مارڻ جون ڳالهيون،
وساري مٺا ڇڏ وسارڻ جون ڳالهيون.

رٺاسين ڏٺاسين گهڻا ڏک ڏمر پر،
پرين هاڻ ڪر پيار پارڻ جون ڳالهيون.

نہ شڪوو ڪنداسين نہ اڄ ڪا شڪايت.
ڪنداسين نقط دل ڏڌارڻ جون ڳالهيون.

ڪڏهن ڏس تون مرڪي ڪڏهن ناز مان ڏس،
وڻن پيون اهي ئي نهارڻ جون ڳالهيون.

ٿهن ٿا لبن تي هي وعدا وفا جا،
پنهنجي "مير" سان ڪڏ گذارڻ جون ڳالهيون.

Gul Hayat Institute

□

## غزل

هــن خوبرو کي جـان چئون آرزو چئون،
جو ڪجهه چئون هتي يا وچي روبرو چئون.

توهين گر نـه تـي پئي حسن و جمال جي،
حور و پري جو هن کي اسان پيش رو چئون.

ابــرو کي هلال ۽ زلفن کـي گهٽائون،
بازن کي هار گل جو اکين کي صبو چئون.

هرٽــن جيان خـرام بهارن جيان طبعيت،
رنگت شفق مثل ۽ قـــد کي سرو چئون.

اي "مير" هن جي حسن و سراپا جي ڳالهه ڇا،
عرقِ گلاب هن کي چئون شڪ جو چئون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

دل کي ڏيندين نہ دلاسو تہ مري ويندا سين،
تون پيو ڏسندين جي تماشو تہ مري ويندا سين.

ڪيترو درد جدائي ۾ جلي جان پئي،
قرب ڏيندين نہ مٺا ڪو تہ مري ويندا سين.

مبتلا مان آهيان اندوه عشق تنهنجي ۾،
تون نہ ٿيندين جي سهارو تہ مري ويندا سين.

تو سواءِ نہ ٿي هڪڙي بہ گهڙي سنهنجي ڪٽي،
پيو اگر پڇندين پلا چو تہ مري ويندا سين.

"مير" جون معاف مٺا ڪر جي ڏمايون آهن،
نہ ڪندين فضل خلاصو تہ مري ويندا سين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪا موسم ڪو ساونڻ ڪا رت ياد ڪر تون،
ائين خامخواهه دل نہ فرياد ڪر تون.

سدائين تہ سهڻو خفا هئو نہ تو سان،
گهڙي پل رنو آ نہ افتاد ڪر تون.

اچي دل ويئي آهين جي پيچ و خم ۾،
سڄڻ زلف کولي تہ آزاد ڪر تون.

اگر آهي سهڻو صنم دور تو کان،
نہ يادون حسين دل ۾ آباد ڪر تون.

سوا "مير" سهڻا ڪنهن کي ملن تا،
حسينن لئي دل هين نہ برباد ڪر تون.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

اسان کي تون نه جي ليندين وڃائي پاڻ وهنداسين،
تڪي ڳولهي ڪٿي سائين رلائي پاڻ وهنداسين.

اهـا موسم جڏهن آئي ٽـڙي گل ڳاڙها پوندا،
اسان ساري تنهنجي صورت جلائي پاڻ وهنداسين.

ڪٿي هي عشق منجي تـو جدائي ۾ پـلا سهڻا،
ٻڇون تـا ترڪِ الفت ۾ مٽائي پاڻ وهنداسين.

تلاش و جستجو ۾ اي پـريـن آهيون پريشان تيا،
پرايا در ڏسي ڪنهن ڏينهن ڪٽائي پاڻ وهنداسين.

ڪڏهن اهڙو نه قسمت ۾ ايندو ڪو وقت اي پيارا،
جو ڪنڌ هڪ ٻئي اڳيان سهڻا جهڪائي پاڻ وهنداسين.

پلي تـون آزمـا ويٺو محبت "مير" جـي سهڻا،
يقين ڪامل اهـو آهي ملهائي پاڻ وهنداسين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

يــاد ستـايــو آهــي سائيـن
جــي گهبرايو آهــي سائـيـن.

پرهه ڦٽي وئـــي ســورن جـــي،
کهڙو رايــو آهــي سائـيـن.

پوڳ تــه نــاهي توسان ڪيو،
لنئون لـڳـايـو آهـي سـائـيـن.

هن منـزل تي مون ڪي اچي اڄ،
پــرت پڄـايـو آهــي سائـيـن.

"میر" اوهان سان ازل ڪان اڳرو،
نينهن نـيـايــو آهــي سـائـيـن.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڏاڍو پيارو لڳندو آهين،
اک جو تارو لڳندو آهين.

منهنجي جيون جي ڪشتي جو،
تون ئي ڪنارو لڳندو آهين.

تو کان سواءِ چين ڪٿي آ،
تون سک سارو لڳندو آهين.

قسمت جو پلئين تو پاسو،
ڀاڳ جو ڏارو لڳندو آهين.

"مير" ڏسي محبوب جڏهن تو،
محبت وارو لڳندو آهين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڇو و لطف عنايت ڪان مٽائي ٿا وڃو منهن،
ڏسندي ئي مرر راهہ لڪائي ٿا وڃو منهن.

جي اوچتو ملڻ ٿـو ٿئي يـار ڪڏهن تـہ،
دستور هي ڪهڙو آ جهڪائي ٿا وڃو منهن.

مشتاق نگاهون جـي ڏسن بـزم اندر ٿيون،
ڪيڏو نہ غضب آهي ڇپائي ٿا وڃو منهن.

حسرت زده تـي ان ڪان مٿي ظلم آ ڪهڙو،
بوسو اگر ڏجي تـہ ڦيرائي ٿا وڃو منهن.

ڪهڙي ٿي قيامت اچي مون کي تہ پڌايو،
جنهن روز پلا مون سان ملائي ٿا وڃو منهن.

ڪيڏو نہ حسين درد سهي "مير" ٿو محبوب،
مرڪي جڏهن پري ڪان پسائي ٿا وڃو منهن.

Gul Hayat Institute

□

# غزل

تــو اگر ڳڏجي گذاريو تہ بچـي ويندا سين،
شربتِ وصــل پياريو تــہ بـچـي ويندا سين.

هون تمنا تہ هي آهي ڏيون ڇڏي سارو جهان،
تو پرين پر ۾ ويهاريو تــہ بچـي ويندا سين.

زهر آهي تـــي حياتي جي مٺا هرڪا گهڙي،
تو اگر مرڪي نهاريو تـــہ بـچـي ويندا سين.

هون تہ سيلاب اکين جو نہ ڪٿي ٻوڙي جهان،
تو اگر دل کي ڏتاريو تـــہ بـچـي ويندا سين.

"مير" جـون ڪيئي خطائون ۽ گناهون آهن،
تو اگر تـــن کي وساريو تــہ بچي ويندا سين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

خود غرض کي وفا نہ آئي ڪڏهن،
رنگ لاتو نہ آشنائي ڪڏهن.

بي مهر شوخ تند خوئي رهيو،
مون سکي کان بي وفائي ڪڏهن.

عشق ۾ دل اڪيلي رهندي آ،
سات هلندي نہ آ خدائي ڪڏهن.

ڪوشش ۽ وصل نار سائي رهي،
تي حجابن کان نہ رهائي ڪڏهن.

چنڊ بادل سان ڪيڏندو ئي رهيو،
ٿي اگر تي نڪا سهائي ڪڏهن.

تيا مقدر نصيب ۾ ئي حائل،
ٿي تمنا نہ ڪا سجائي ڪڏهن.

هن پلائي چڏيو ڪتاب سچو،
مون کهائي نہ هڪ پلائي ڪڏهن.

"مير" ان بي وفا جي آس ۾ آ،
جنهن کي شايد وفا نہ آئي ڪڏهن.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪنهن جو ديدار ڪري ويٺاسين،
ڇپ ئي ڇپ پيار ڪري ويٺاسين

نه ملڻ ٿيو نه ڪيوسين شڪوو،
بس اڪيون چار ڪري ويٺاسين.

چين ويو صبر ويو قرار به ويو،
دل کي بيمار ڪري ويٺاسين.

هو به بدنام ٿيو مونکي به رسوائي ملي،
ڪيڏو آزار ڪري ويٺاسين.

"مير" مليو ڇا محبت ۾ اسان کي آهي،
ڪنهن کي بس خوار ڪري ويٺاسين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

زندگي هين گذاري ويناسين،
تو کي دل تي اتاري ويناسين.

رات آئي تم چهرو تنهنجو،
اکيان پنهنجي اپاري ويناسين.

تنهنجي اکڙين جا تير اهڙا وٺيا،
هيٺي دل مان اکاري ويناسين.

ڪيڏو دنيا تم ستايو تي مگر،
دل کي توسان ڏتاري ويناسين.

"مير" تي ميري جڏهن دل پنهنجي،
اشڪ هاري اجاري ويناسين.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ڇو وصل جي ڪوشش ۾ گذارين ٿو رات ڏينهن،
۽ هجر جي مشڪل جا وسارين ٿو رات ڏينهن.

جو وقت مليو تو کي مقدر ۾ تون گذار،
ڇا ڪان سکن لئہ آهون اتارين ٿو رات ڏينهن.

ڇو دلربا جي ياد ۾ ديوانو ٿي ويئن،
نشتر فراق جا تون اڪارين ٿو رات ڏينهن.

وسري خدا ويو ۽ شريعت ڇڏي ڏنئي،
هر هر صنم کي هائي پڪارين ٿو رات ڏينهن.

مڃ "مير" جي نصيحت نادانيون نہ ڪر،
ڇو بار دل تي غم جا اتارين ٿو رات ڏينهن.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ويهہ ڪريون ڪا ڪچهري يار آمهون سامهون،
دل ٺري دلبر پٺي دلدار آمهون سامهون،

محب منهنجي من جي ڳالهين تي مرڪ مشتار پيو،
آ پرين ڏاڍو مزو ٿئي پيار آمهون سامهون.

ڇو لڪين ٿو لوڪ کان ليئا نہ پاءِ لالڻ نہ لڪ،
منهن مبارڪ ڪي پسا مشتار آمهون سامهون.

مون کي مهڻا ٿو ڏئي اڄ لوڪ تنهنجي واسطي،
اي سڄڻ صورت اچي ڏيکار آمهون سامهون.

"میر" من جي پٺي لهي منجهہ دوست جي دلبر مائين،
ڏينهن اچن اهڙا تين ديدار آمهون سامهون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

چوان دل منهنجي ڏي آ ناشاد ڪيئن،
ڪريان بي وفائن جو فرياد ڪيئن.

نه جن ياد مون کي حياتي ۾ ڪيو،
مئي کان مٿا پوءِ ڪندا ياد ڪيئن.

ڪري قيد مون کي ويا هو ٻه ڦاسي،
آهن خود ٻه قابو ٿيا صياد ڪيئن.

محبت جو قيدي رهاڪو ٿيو آ،
ڀلا مان ٻه ٿيندس آزاد ڪيئن.

ڏي "مير" هو ويا جدائي جا غم،
رهان تن سواءِ مان ڇمو شاد ڪيئن.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪڏهن هي اسان کان جدائي ڇڏيندين،
اسان کي تون پنهنجو بنائي ڇڏيندين.

کائي غم زدن ڏي کڻي خوب اکڙيون،
ڪڏهن خوبرو تون کلائي ڇڏيندين.

ڏنا غم گوندر جي تنهنجي جدائي،
ڪڏهن پائي پاڪر پلائي ڇڏيندين.

ڪڏهن دور ٿيندي هي آج ڇٺو اسان جي،
جگر سان جگر لب ملائي ڇڏيندين.

آهي "میر" جو من ويراڳي اي سهڻا،
ڪڏهن روح ان جو ريجهائي ڇڏيندين.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

تنهنجيون ڳالهيون خواب جون ڳالهيون،
حشر جون ۽ حساب جون ڳالهيون.

مرڪي ڪر اڄ مهر وفا ڪا،
ٿي چڪيون ڪئين عذاب جون ڳالهيون.

دل ٿي چاهي ڪري ڪو مون سان،
تنهنجي صورت شباب جون ڳالهيون.

ڪيترا ذڪر ڪيا اڄ رات ۾ تو،
سي ته هڪڙي تيون باب جون ڳالهيون.

حسن يوسف ڪتان آ مٿ تنهنجو،
سي ته ڳالهيون ڪتاب جون ڳالهيون.

ويهه ڪا دير دل کي آئت ٿئي،
شوق ۾ جذ شتاب جون ڳالهيون.

"مير" تون ڪان پڇي سوال ته ڪر،
حسن ڪنهن لاجواب جون ڳالهيون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

تون اچين ٿو تہ وسريو وڃن ڳالهيون،
رنج و فرقت جون اتريون وڃن ڳالهيون.

شب چراغان چراغـان تـي روشن ٿئي،
پيارا الفت جون اجريو وڃن ڳالهيون.

مون کي صديون بہ سهڻا تيون ياد رهن،
جي تيون محبت ۾ گذريو وڃن ڳالهيون.

ناز و عشوہ ڪري جا تـا نيزا لـڳن،
تير ٿي دل مان اڪريو وڃن ڳالهيون.

بدگمان "مير" سان ٿي نہ سهڻا سڄڻ،
خود بہ خود هي تيون اڏريو وڃن ڳالهيون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

رفته رفته دل تان توکي ڪيئن اتاري تو سگهان،
تو سوا هيڏي حياتي ڪيئن گذاري تو سگهان.

واهه جو محبوب توکي ته وسارڻ تو اچي،
پر ٻڌا مونکي ته سان ڪيئن ڪر وساري تو سگهان.

صبح ته سورن ۾ گذري ويئي منهنجي يار پر،
هن انڌيري رات جو ڏينهن ڪيئن اپاري تو سگهان.

دل ۾ ڪشتي پيار واري آهي انڪي اڄ پئي،
تنهنجي مرڪن کان سواءِ ڪيئن ڪر اڪاري تو سگهان.

"مير" سان محبوب سل ڪجهه مرڪ ۽ ڪجهه ناز ڪر،
هت نه قاصد آهي نه ڪانگل اڏاري تو سگهان.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ٻلجي ويو ڇا آهين سي قرب سي کهاٽيون،
راتن جون راتون جاڳي جاني ڪيون رهاٽيون.

تنهنجي عشق ۾ خزانا اڄ ٻه اکيون لٽائن،
اشڪن جي موتين جون ناهن ڪٿيون هي ڪاٽيون.

ڇو دور ديس دلبر مون کي ڇڏي رهين تو،
تو ڏي ڏسن پيون نرمل نظرون پٽي نماٽيون.

هت هي ٻکي پکڻ ۾ ماڻهو اداس تو لئه،
بي ترس تي وئين ڇو هي صورتون ڪئين ساٽيون.

اڄ "مير" سان ملڻ لئه اي خوبرو خدارا،
سي منزلون سي مرڪون محبوب اڄ تم ماٽيون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

اکين مان هي ساوڻ جون بوندون نه ويندئيون،
هتي هاڻ ڪڏهن بهارون نه ايندئيون.

نه ايندا سڄڻ ۽ نه قاصد ئي ويندا،
نه منهنجي اڱڻ تي چانڊوڪيون ٽيندئيون.

اڪيلائي هوندي ۽ ماتم سڄڻ جو،
تمنائون خونِ جگر کي ئي پيئندئيون.

اسان جي نصيبن سقدر جون ڳالهيون،
زماني جي ڏکين زبانن تي هوندئيون.

جڏهن "مير" موسم بدلجي وئي آ،
نه وعدا ئي پرندا نه ڳالهيون ئي ٻهندئيون.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

منهنجي گهر منهنجي نظر ۾ هر قدم تنهائيون،
هاڻ هي آ زندگي يا دم بدم تنهائيون.

ڪيستائين لڙندو رهان سان وصل جي اميد لئه،
نيٺ پنهنجو ويون ڪري هي هڏ ۽ چم تنهائيون،

جن کي دشمن جان سون سمجهيو بي رحم قاتل چيو،
نيٺ سون کي ڪم سي آيون بي رحم تنهائيون.

سيم و زر جي جستجو ۾ سوڳران پنهنجا ڏسي،
سون اتي ميڙيا الم ۽ گڏ ڪيم تنهائيون.

"مير" هرڪو شادمان آهي وتي خوش بامراد،
ڪنهن کي فرحت آ ڏسي هي درد و غم تنهائيون.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ڻ"

## غزل

جهادِ عشق آ الفت ۾ ساري رات رڻ،
اها ٻـم آهي ڪرامت اگڻ تي يار اچڻ.

اها ٻــم آهي شهادت عظيم اي يـــارو،
خيالِ زلفِ پريشان ۾ تڙپــي جان ڏيڻ.

اهو ٻم معجزو آهي اسان جي نظر ۾ ٿيو،
فراقِ يار ۾ راتيون ڪٽڻ ۽ ڏينهن ٽپڻ.

اهو ٻم موت ڪان گهٽ ناهي ٿيو اي همدم،
ڀجي ڀرپور جواني هٿن مـان يـار وڃڻ.

اها ٻم عيد آهي "مير" رخِ انـور ڪي،
لڳائي سيني سان سينو ڀڪوڙي پيار ڪرڻ.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

هن جو سرڪش، اچڻ ۾ پيار ڪرڻ.
دل جو ويران چمن بهار ڪرڻ.

اڄ به دل تي سو نقش آ يارو،
ڪنهن جو سيني سان همڪنار ڪرڻ.

سايئہِ زلف جي حسين خوشبو،
زانوءِ يار تي قرار ڪرڻ.

لب تي لالي هٽي ڳلن هن جو،
ڳاڙهي گل کي مثل انار ڪرڻ.

محب کي شوق خود نمائي جو،
دير تڪ عطر ۾ سينگار ڪرڻ.

"مير" سي ڏينهن ڪهڙا ڏينهن هئا،
راتيون جاڳڻ صبح نهار ڪرڻ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "و"

## غزل

مـــن ۾ هي نعرو هڻي محمد ٿو،
دل کي نالو وڻـــي محمد ٿو.

درد ڪيڏا ٻہ ڪٿي دل کي هجن،
تـــن جـو داور ٻڻي محمد ٿو.

جن کي دنيا ڇڏي تي ڪيرائي،
تـن کي اوچو ڪٿي محمد ٿو.

دل کي دنيا جڏهن تي تڙپائي،
مڪ جـا پيوند هڻي محمد ٿو.

"مير" دنيا وڻـي تہ درد مليا،
ان ڪري بـس وڻي محمد ٿو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

حسن جي خوشبو گلن جي خوشبو،
ليڪن پياري وطن جي خوشبو.

باغن ۾ کيتن ۾ آهي،
سنڌ جي ساڪ ڦرن جي خوشبو.

سنڌ سموري ۾ تي آهي،
ڄڻ ته باغِ عدن جي خوشبو.

تنهنجي پيرن ۾ بہ سدا آ،
ڌرتي جي رستن جي خوشبو.

"مير" نہ سون کي آئي ڪڏهن،
غيرن ۾ پنهنجن جي خوشبو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

شڪر مولا جو اسان کان ڪوبہ نہ آزار ٿيو،
مثل گل خوشبوءِ ڪئي سين ڪونہ ڪنهن تي بار ٿيو.

دوستن سان خوش رهياسون دشمنن سان رنج نہ ٿياسون،
پاڻ کي انسان ڪنهن سان وير هو نہ عار ٿيو.

دلبرن کان دوستيون ٿيون ۽ دغائون پڻ ٿيون،
پر اسان کان گل رخن لئي پيار هو ۽ پيار ٿيو.

دل ۾ جي آئي ڪدورت تي زبان روڪي ڇڏي،
ڪوبہ مون سان حرف ڪڏهن ڪونہ تي پڪار ٿيو.

"مير" صاحب هوندي پڻ مهر و وفا جاري رکيم،
هر گهڙي لطف و عنايت مون کان تي اظهار ٿيو.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

شورشِ غم پلا ٺي مرڪي پئو،
درد کي سيني لائي مرڪي پئو.

چپ ملي تو فضول آهن سان،
زيرِ لب مسڪرائي مرڪي پئو.

ها الم جو ڏکيو هي دور آهي،
پيچ سان پيچ پائي مرڪي پئو.

عشق ۾ هي تلاشِ راحت ڇو،
رنجش کي رلائي مرڪي پئو.

"مير" گردش سان ڪيڏ جاري رک،
پاڻ تي نيهن نائي مرڪي پئو.

Gul Hayat Institute

# غزل

برهه ۾ بي خود ڪري محبوب ساري ويو هليو،
درد ڪيئي دل اندر دلبر اتاري ويو هليو.

نيهن جا اهڙا نشانا ناز سان نرمل هنيان،
دوبدو چئي ته دو ٽاليون ڪئي اڪاري ويو هليو.

هي گلي هي ڪوهه واٽون هي شهر ويران ڪري،
برهه جي ٻنيور ۾ ڪا باهه ٻاري ويو هليو.

ڏک ته آهن ڳالهه جو پوءِ يادگيري ڪانه ڪئي،
واهه جا وعدا ڪيا ليڪن وساري ويو هليو.

"مير" محبوبن سٿي ناهن ميارون ڪي ڪٿيون،
شڪر آهي ڪا گهڙي گڏجي گذاري ويو هليو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ظالم! پري نـه ويهه منهنجو ساهه ٽٽي ٿـو،
هي من جو قيدي ڪيو اٿئي پلا هين ٻه چٽي ٿو.

هين دور رهــڻ سان پـــلا درد ڪو ويندو،
ڪو غم جو ڏينهن سهڻا پلا هين ٻه ڪٽي ٿو.

تـــو پيار ڏني پاڳـل اهڙو ڪيو پريـــن آ،
جڻ عشق هٿن سان مـون ڪي هاڻ گهٽي ٿو.

دل ٻه ڪٽي وئين دلبر ننڍو ٻه ڦٽائي وئين تون،
ڇا پيار ۾ ڪنهن ڪي پـــلا هين ٻه لٽي ٿو.

اي ”مير“ جا محبوب پلا چئو تہ جيئون ڪيئن،
هـــر لمحہ نئون درد نئون سـور ڦٽي تـــو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

اڄ ڀراڻي واٽ تان آيس تہ منظر ياد پيو،
سو قصو جو ذهن ۾ اڪثر ٿي اڪثر ياد پيو.

ساڳي سهڻي سائي ساوڪ جو نظارو دلفريب،
سحب جي جوڀن جواني جو ٿي محشر ياد پيو.

سج انڌ چيري اڀان ٽورو مٿي آيو پئي،
مون کي ان دم يار جو ٿي مک منور ياد پيو

دل ۾ هڪ درياهہ ٿي ڇوليون هڻي منهنجو لڳو،
اف ڀراڻي ياد جو ڪهڙو تصور ياد پيو.

"مير" ڪئي گلشن ڏٺم بلبل ڏٺم وسري ويم،
سو نظارو جت مٺو ملندو هو ور ور ياد پيو.

□

## غزل

ڀئي سمت تنهنجي حسن مون کي نهارڻ نہ ڏنو،
شهر ۾ ڪيئي سخي هٿا پڪارڻ نہ ڏنو.

شهيدِ ناز تي تنهنجو نہ ڀي حق هو سهڻا،
ڪنهن ڀئي کي مون بعد مرگ اجارڻ نہ ڏنو.

اسين ڪرياسين جي مٿہ ڀي اوهان جي اکڙين جي،
سهاري لاهہ وريا ڪئي تي، اتارڻ نہ ڏنو.

ڪڏهن تي زلف پيا ياد ڪڏهن لب شيرين،
نقوشِ حسن ڪڏهن تو کي وسارڻ نہ ڏنو.

هي "مير" تنهنجي قدم ۾ ڪٽي ها عمر تمام،
گردشِ دور مگر ڳڏجي گذارڻ نہ ڏنو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪا گهڙي ڪا پل به راڻل اڄ نهارين ڇو نٿو،
هئي اکين جا ڪان ٿهري اڄ اڪارين ڇو نٿو•

حيف آ هن رت حسين ۾ تون رنؤ راڻا وتين،
اڄ مٺا ساڻـــا ڪري محبوب مارين ڇو نٿو•

ناز پرور ناز ڪر ڇڏ تون اهـا ڪاوڙ قريب،
هام هن موسم حسين ۾ گـڏ گذارين ڇو نٿو•

عاشقن ڪان ان طرح تيندي خطـا رهندي آهي،
حسن جي صدقي اهـــا سهڻا وسارين ڇـو نٿو•

"مير" ڪان پاسو مٺائي منهن ڦيرائي ڇو وتين،
سي سڄڻ اڪڙيون عقابي اڄ الارين ڇـو نٿو•

□

Gul Hayat Institute

## غزل

شام جو گهرو سايو هوندو،
بام مٿي هو آيو هوندو.

منهنجي وفا تي هاڻ تہ هن جو،
مثبت مثبت رايو هوندو.

مون جو لکيو آ پيار ڀر نغمو،
سو هن مرڪي ڳايو هوندو.

آئون ڇمان جيئن هن بہ ڇپن سان،
منهنجو ڦونو لايو هوندو.

منهنجي اکين کي ٺارڻ خاطر
ويس گلابي پايو هوندو.

جيئن وٺي تو يار اسان کي،
"مير" بہ ان کي پايو هوندو.

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪهڙو بيان تو سان ڪجي دردِ شديد جو،
فرصت ملي تہ ڏسجان جنازو شهيد جو،

هر ڏينهن ڪري عيد گذارين ٿو اي سهڻا،
مون لئي بنجي چنڊ وئين تون تہ عيد جو.

آهي فضول ياد ڪرڻ ڪنهن کي پڪارڻ،
هي آرزو بہ درد ٿو سمجهان مزيد جو.

آهي جا ٿهي رسم نئين ما نڀائبي،
بر چشم هر دستور زماني جديد جو.

اي "مير" فقط اج هجي تہ اج کي ئي ڏسجي،
ماري رکي تو مون کي انديشو بعيد جو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

جوان موسمن ۾ جدا آ ڪريو ويو،
اچان ويٺو سوچيان ته ڇا آ ڪري ويو.

سر بزم منهنجي نه تعريف هن ڪئي،
ٻڌو تم ته منهنجي گلا آ ڪري ويو.

شهر ۾ گلي ۾ ڪري ڪوس ويو آ،
قيامت حسين ڪا بپا آ ڪري ويو.

وٺي دل ويو پر نه مون کي ڏني تس،
عجب مون سان دوکو صفا آ ڪري ويو.

اسان ”مير“ ڪاڪل ڪنڊين ۾ رهياسون،
سڄڻ لوڪ تي ٿي سخا آ ڪري ويو.

Gul Hayat Institute

# غزل

وفا ۾ قدر ضرورت هو ذرو ها ته چڱو،
نيائي مون سان جي الفت ها بيوفا ته چڱو.

هي ڇا ڪيس نه جيان تو نه ئي مري تو سگهان،
ڪري قتلام ڇڏي ها سندس ادا ته چڱو.

نه هي فرياد ٿئي ها نه داد خواهي طلب،
رهي هو مون سان گڏجي اگر سدا ته چڱو.

جدائي ۾ ڪو بلا عشق ۾ جنون تو وچي،
رکي هو روبرو مون کي ڏي سزا ته چڱو.

اي ”مير“ جرم وفا تي هو ٿيو خفا آهي،
اي ڪاش مون کان به اڙي ٿئي خطا ته چڱو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

الفت جو بار سرڪي گهٽائي ته چڱو،
نازڪ آ مگر نيهن نڀائي تہ چڱو.

ديوانگي ۾ دل جو متان حال ٻڌايان،
دلدار نہ ديوانو بنائي تہ چڱو.

ماڻهون نہ ڪٿي محب کي مٺو ڏئي وٺن،
مون سان نہ مٺو منهن کي مٺائي تہ چڱو.

نانگن جي وچان رخ تي ڪيئن بوسو ڀلا ڏيان،
هو زلف پنهنجي هٿ سان هٽائي تہ چڱو.

اي "مير" جدائي ۾ دل تنگ ڪري ٿي،
محبوب خود انهيءَ کي مٽائي تہ چڱو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

خوابن کي مهڪائي هليو ويو،
مون سان هو شرمائي هليو ويو.

پنهنجا نيڻ خماري ڪئي هو،
بي ڪل من کي بنائي هليو ويو.

بيمار م ڪهڙو چين ڏنو هن،
ويتر درد وڌائي هليو ويو.

موسم جي هر هڪ سردي کي،
جوڀن سان گرمائي هليو ويو.

سهٽيون سهٽيون اکڙيون ڪٽي،
ڪهورن سان گهائي هليو ويو.

"مير" ڪٿيون ڪيئن هيڏي حياتي،
محب تہ آهي منجهائي هليو ويو.

Gul Hayat Institute

## غزل

هو مسڪرائي مسڪرائي مليو،
ڪير ڪـي ڪنڌ سان ملائـي مليو.

هاءِ! قسمت ڪ رشڪ ماهم آهي،
چنڊ بہ هن سان منهن لڪائي مليو.

هـي قيامت نـــہ آهي ڇـــا آهي،
هـو وچـڻ وقـت موڪلائي مليو،

ســو مقدر جو نـــي سڪندر آ،
محب جنهن ڪان وڃي ورائي مليو.

هي بـہ قاتل جي چال آهـي ڪا،
ٿـورو هڪـي ٻيهي اچائـي مليو.

”مير“ محبت جو هي معراج آهي،
[illegible] مـــاڙي مٿي گهرائي مليو.

Gul Hayat Institute

□

# غزل

اڄ رات دل جي باغ ۾ سهڻو گلاب هو،
هن جو خيال ذهن ۾ جڻ انقلاب هو.

تنهائن کان بوجهه هئا رات جا پهر،
صبح تيڻ بہ سون لئي جڻ هڪ عذاب هو.

جيئن جيئن خيال و خواب ۾ ڳوليو سڄڻ کي مون،
تيئن تيئن پري ويو ٿيندو گويا سراب هو.

هن جي اچڻ وڃڻ تي سوچيو ذرو جو مون،
محسوس هو ايئن ٿيو جڻ تہ حجاب هو.

اي "مير" ڳالهيون ڇا سڄڻ يار جون ڪجن،
گفتار ۾ صبا هو ٻڌڻ ۾ رباب هو.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

اقرار نہ انکار ایئن وقت وجي پيو،
ڏسندي اوهان کي يار ايئن وقت وجي پيو۔

مرکي هليو آ بازو، حسرت زده م اڄ،
چڏ هاڻ بيا تقرار ايئن وقت وجي پيو۔

عاشق سان پلا ايترو محبوب سچڻ چيو،
برسي پئي ملهار ايئن وقت وجي پيو۔

جانب جواني آهي مهمان کا مهل،
دلبر کراءِ ديدار ايئن وقت وجي پيو۔

غيرت وٺي تي آئيني اکيان جي بهن تو،
چڏ هاڻ هي سينگار ايئن وقت وجي پيو۔

محبوب مفت م تو مري "مير" هجر م،
ماڻن سان اچي مار ايئن وقت وجي پيو۔

□

Gul Hayat Institute

## غزل

رسي ٿو يار سڄو ڏينهن پيو مڃايان ٿو،
وصل جو وقت سڄو عرض ۾ کپايان ٿو.

نگاهِ لطف وئي پيار ويو قرار ويو،
لڳي پيو هجر ۾ هي زندگي وڃايان پيو.

سڄڻ جا ناز عجب آر ۽ انگل اوکا،
سان نئين روز نوان درد کي پرايان ٿو.

علاج هجر جي بيمار جو ڀلا ڪهڙو،
طبيب روز نئين سر نوان کهرايان ٿو.

اي "مير" وصل جو ڪيف و قرار ياد ڪري،
هنجون حبيب لئي هردم هتي وهايان ٿو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

دل تي هين اختيار ڪيئن ٿيندو،
عمر ڀر انتظار ڪيئن ٿيندو.

تون قيامت ۾ ٿي ملي ويندين،
ها! مگر اعتبار ڪيئن ٿيندو.

تنهنجي وعدي تي سڀ ڀلائي ڇڏيان،
هي غمِ روزگار ڪيئن ٿيندو.

وصل ۾ ڀي جڏهن نه آ ميسر،
هجر سان سون کي پيار ڪيئن ٿيندو،

"مير" آهي فراق ڇڻ ته خزان،
سو چوڻ سان بهار ڪيئن ٿيندو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

سون ڏٺو رات توکي خواب ۾ هئو،
چنڊ روشن تنهنجي شباب ۾ هئو.

تنهنجي هر ڳالهه ۾ خمار عجب،
گفتو هڪ هڪ بدل شراب ۾ هئو.

چؤطرف تنهنجي اچڻ جي خوشبو،
جسم تنهنجو پنل گلاب ۾ هئو.

رفته رفته ڏسڻ اکين جو جهڪڻ،
ربط ڪهڙو نه ان حجاب ۾ هئو.

"مير" ڪهڙي تنهنجي واکاڻ ڪري،
حسن تنهنجو نه ڪنهن حساب ۾ هئو.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

اڄ به مرڪڻ اوهان جو وسري نٿو،
تو سوا دل تي ڪوئي اڀري نٿو.

لڳي هي راهه مون ڪي ويران تي،
تو جيهو ڪوبه هتان گذري نٿو.

ڪيئن ڀلا دل ڪي ويهي وندرايان،
خيال تنهنجو ته ذرو آتري نٿو.

اڄ نه قاصد نه ئي ڪو حال پرس،
اڄ ته ڪانگل به هتان آڏري نٿو.

درد دلبر جو "مير" اهڙو آ،
لڳو هين تير آهي نڪري نٿو.

Gul Hayat Institute

# رديف "هہ"

## غزل

سندم دل آشنا ڪر تـون حقيقت سان رسول الله،
منور دائـمـا رک تـــون عقيدت سان رسول الله.

پڙهان ٿو ورق وحدت جو دوئي سان وڃي ڌوپي،
هجان هردم سـدا ويجهو شريعت سان رسول الله.

نقش جا نوڙ هـي نيئر بچان شيطان ۽ شر کان،
پلئو منهنجو نہ ڇڏي انڪي حزيمت سان رسول الله.

هجين رهبر ۽ تون هادي حياتي جي سفر ۾ ٿو،
وڃان هـر حال ۾ ريجهي طريقت سان رسول الله.

ڪرم ڪو "مير" تي اهڙو مٺا مدني محمد ڪر،
وڃان گم ٿي سڄو سارو مشيعت سان رسول الله.

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪجهہ ٿيا لھايو جناب مگر آهسته،
زندگي ۾ ڪيو انقلاب مگر آهسته.

ڪهنڊ گهورون تہ مقدر ئي اسان جو آهن،
ها! اسان تي ڪيو عتاب مگر آهسته.

روز و شب ڏمر جا ٿا باب ٿهن،
پورو پنهنجو ڪيو ڪتاب مگر آهسته.

هي دور جيت جو ٿار دور چون،
پلي مهڻا سکو شتاب مگر آهسته.

"مير" محبوب ڪڏهن تو کي مجي ئي ونندا،
هي ڏسندو ئي رهہ خواب مگر آهسته.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

بيان ٿي سگهي ڪو نه غم توبه توبه،
حسينن جي عادت ستم توبه توبه.

ڪٿي دل هايا ويا ڪري قول مون سان،
وساري وري ويا صنم توبه توبه.

ڪٿي عشق ۾ ڪنهن نه ڪا غم گساري،
ڪيا دوست دشمن ظلم توبه توبه.

جڏهن به سڄڻ سان ڪيم غم جو شڪوو،
چيائون تہ آهن ڪرم توبه توبه.

جڏهن "مير" آيا نہ وعدي تي سهڻا،
رنا رات ساري چشم توبه توبه.

Gul Hayat Institute

# رديف "ء"

## غزل

هـــر چيز هـوس آهـي الله کان سواءِ،
هر گالهہ ۾ ڪس آهي الله کان سواءِ.

اي دل مٿان تون پلجين رنگين زماني تي،
ٻـي وات نـہ گس آهي الله کان سواءِ.

هر ٻار لطف ڏي تو نالو سڻو خدا جو،
ڪٿ اهڙو نہ ڇس آهي الله کان سواءِ.

مولا سواءِ ڪير نـہ تقدير تـــو ٽاهي،
انسان بـيـوس آهـــي الله کـــان سواءِ.

اي "مير" تون نفس کي ڪر مطمعن چڱو آ،
هـــر چيز ٻـي بـس آهي الله کان سواءِ.

Gul Hayat Institute

□

## غزل

تون اچين ٿو تہ وڃي ٿـي خوشبوء،
تون آهين تنهنجي رهي ٿـي خوشبوء.

ڏنـگ دل تـي هڻي نـہ موسم ٿي،
ڪيڏي فطرت کي وڻي ٿي خوشبوء.

هوش کي پـي وڃ مدهـوش ڪيو،
کهڙا نغما هـي چوي ٿي خوشبوء.

زهـــر تنهائـن جـــا ماکي ٿـيـن،
تنهنجي گيسو جي اچي ٿي خوشبوء.

"مير" سان تون نہ آهين ساٿ جڏهن،
حال منهنجي تي کلي ٿـي خوشبوء.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

وڻندي ڪڏهن اسان کي سدا هئي وفا جي بوءِ،
محبوب دل نواز جي دم خود ادا جي بوءِ.

هي ڇا ٿيو جو مون ئي گنهگار تي ويس،
ڪيڏي تہ ناپسند هئي مون کي خطا جي بوءِ.

جن جي عمر آ گذري سدا جور و جبر ۾،
تن کي وري اچي ڪٿان آه و بقا جي بوءِ.

ميري نہ ڪڏهن دل ڪجي دنيا جي چون تي،
ويجهي نہ ڪجي ڪڏهن ڪبر و ريا جي بوءِ.

اي "مير" ڪٿي موتيو، ريحان پيٽ ۾،
سڀ ڪان پري وڃي ٿي زهد و سخا جي بوءِ.

□

Gul Hayat Institute

# رديف "ي"

## غزل

ٻـي قـدر هو نـہ هئو قسمت ئـي هئي،
هـا مـقـدر ۾ نـہ محبت ئـي هئي.

هـو نصيبن ۾ سـو مـلـي آ ويـو،
وصل پنهنجو نـہ هـو فرقت ئـي هئي.

ڇـا ڪريون هـاڻ قصو الفت جـو،
ڪا گهڙي پل جي تہ نسبت ئـي هئي.

پـيـار ڪهڙو آ هـن زمـانـي ۾،
ها اگر هئي تـہ ڪا وحشت ئي هئي.

خواب وانگي مليو اسان کي هو "مير"،
هن سان بـس ايتري صحبت ئـي هئي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

بــي وسين جو نظام ڏس تہ اچي،
ڪيئن گذاري آ شام ڏس تہ اچي.

تون رهين بدگمان تو جن ڪان سچڻ،
تن لبن تــي آ نــام ڏس تہ اچي.

پنهنجي گردشِ زلـف جـــي صدقي،
منهنجي گردش ايـــام ڏس تہ اچي.

اي ستل خــوابِ غفلت جـــا صنم،
ننڊ منهنجي حــرام ڏس تـــہ اچي.

"مير" ڪـــي شادمان چـــوڻ وارا،
پنهنجو غمگين غـلام ڏس تہ اچي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪنهن دلربا جي ڳالهه ڪريو شام وجي ٿي،
ساغر ۾ مئه ڪا لال ڀريو شام وجي ٿي.

جي دل اداس آهي ته هو خوبرو اچي،
دل تي جدائي هٿ کو ڌريو شام وجي ٿي.

صبح ته خير هن جي حسين فڪر ۾ وئي،
افسوس ته هي آهي ٺريو شام وجي ٿي.

مئه آهي ته هو ناهي هو آهي ته مئه ناهي،
بي ربط تسلسل ۾ ڪريو شام وجي ٿي.

اي "مير" زندگي جي ڪو حسرت به هي ڏسي،
مشڪل سان جا آئي سا وريو شام وجي ٿي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

نازڪ پرين ڪي جور و جفا ئي نه ٿي اچي،
افسوس ڪريون ڪهڙو وفا ئي نه ٿي اچي.

بوسو ڏيڻ ته ڏي ٿو اگهي ٿو رومال سان،
هن شاهه حسن کي ته سخا ئي نه ٿي اچي.

هو شرم بہ ڪري ٿو ستم جي حدود تڪ،
ڪمسن آ ڪرڻ هن کي حيا ئي نه ٿي اچي.

ڪلهه رات ڏسي مون کي اڱڻ تي ويهي رهيو،
محبوب کي ڪرم جي ادا ئي نه ٿي اچي.

اي "مير" چپ رهڻ ۾ بہ ناهي قرار ڪو،
چاهيان اگر گلا ته گلا ئي نه ٿي اچي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

گذري ويا جي وقت ورن ٿا ڪڏهن وري،
وڇڙي ويا جي يار ملن ٿا ڪڏهن وري.

هو آهي آسپاس سگر دور دل کان آ،
نڪري ويا جي تير اچن ٿا ڪڏهن وري.

روئڻ ڪنجهڻ سان درد پلا ڪيترو لهي،
طوفان مچي ويا جي وهن ٿا ڪڏهن وري.

سوز و فراق هن جي محبت جي ياد آ،
يا چار گهوڙها اک سان ڪرن ٿا ڪڏهن وري.

اي "مير" شاعري ۾ ٻڌائين ڇو لوڪ کي،
ان طرح راز دل جا کلن ٿا ڪڏهن وري.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

جفا تي جفا ڪر ورائي ورائي،
پاڻي ڏس اسان کي ستائي ستائي.

اڌي خاڪ تنهنجي قدم تي ٿي ڪرندي،
پلي ڇڏ اسان کي جلائي جلائي.

ڪڏهن ڪين تڪبي اسان جي محبت،
راهه عشق ۾ ڏس هلائي هلائي.

جا دل تان لهي سا محبت نه ڇنبي،
اسان کي تون ڏس پيو مٽائي مٽائي.

اي سهڻا پلي "مير" کي آزما تون،
محبت وڌائي گهٽائي گهٽائي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪڏهن تم سون ڪي اچي يار وچ هي سمجهائي،
هي دل چيو نالو وني تنهنجو سون ڪي تڙپائي.

هي رات چيو تي اچي زلف تنهنجا ياد ڏئي،
هي صبح چيو تي اچي چهرو تنهنجو ورجائي.

ڏسان تو پنور اکيون ياد چيو اچن تنهنجون،
هي گل چيو تنهنجي عارض جو رنگ بدلائي.

هي ساڪ چيو تي پسينو لڳي سڄڻ تنهنجو،
هي دل چيو جوشِ محبت ڪان پاڻ اڇلائي.

جي پلجي ويو آهين سهڻا تم سون ڪي ياد تون ڪر،
رتو جي آهين چئو ”مير“ تو ڪي پرچائي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ڇو زلف جا ٽاهين پيچ پيو مجبور تو چاڙهين وارن تي،
بي درد ڀلا ڪجهه سوچ هي ڇو ظلم ڪرين ويچارن تي.

هڪ برهه جو اوکو بار سڄڻ، پيا تنهنجا انگل آزار سڄڻ،
ڏئي درد هزارين يار ڇڏين ٿي رات ڪٽي آڱارن تي.

هڪ سور هجي رکجي سهجي، هڪ درد هجي دل ۾ سانديون،
تو برهه جون باهيون اهڙيون ڏين آزار مچن آزارن تي.

هڪ پيچ مان نڪرون پئي ۾ پئون فرحت ئي نه آهي سورن کان،
ڇو رنج و الم جا وار ڪرين نادارن تي لاچارن تي.

هي "مير" به تنهنجي آس ۾ آ، بي قياس ڪڏهن ڪو قياس به ڪر،
تقدير اچي تون ٽاهه ڪنهن جي سينگار نه ڪر سينگارن تي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

اڄ اڱڻ تي يار آئين قربداني تي وئي،
محب تنهنجي اڄ اسان تي مهرباني ٿي وئي.

دل ۾ ڪيئي درد هئا شڪوا هئا ۽ هئي گلا،
پر پرين توکي ڏسي هت بي زباني ٿي وئي.

اي مٺا جاني جدائي ڪجهه بگاڙي نه سگهي،
پر ذرا توري دلين ۾ بدگماني ٿي وئي.

هجر جون راتيون مقدر ٿي ويون آهن مٺا،
پر اڄوڪي رات سان ڏس ڪجهه آساني ٿي وئي.

"مير" جنهن کان پل جدائي جو ڏکيو ڏاڍو هئو،
محب اهڙي کان پري هي زندگاني تي وئي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

دل منهنجي کي دير تک ٽڙڪائي تنهنجي ياد ٿي،
تون پري آهين ڀريـن تڙپائي تنهنجي ياد ٿي.

هڪ اڪيلايون هجر ٻيو انتظاري جو زهر،
ٿيو اچيو در هر گهڙي ڪڙڪائي تنهنجي ياد ٿي.

تون وساري پاڻ وئين ۽ دل ڪٺي خود ساڻ وئين،
ڇو اچيو سوري مٿي لٽڪائي تنهنجي ياد ٿي.

سوز هڪ ساڙي ڇڏيو ٻيو برهه ڪئي باهيون ڏنيون،
ڇو اچيو رت روح کي ٽڪائي تنهنجي ياد ٿي.

"میر" سان محبوب هين رشتو رکڻ ناهي روا،
ڇو ڪنل تي ڪان ٻيا ڪڙڪائي تنهنجي ياد ٿي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

نہ تون وسرين سگھين دل تان نہ تنهنجي ڳالهہ وسري ٿي،
اکين مان آب جاري آ، ائين هر رات گذري ٿي.

خدا ڄاڻي ڪڏهن ايندين ڪٿي سي نيڻ مستانا،
ڏسي بي درد تنهائيون منهنجي تہ جان نڪري ٿي.

دعائون بي اثر ٿي ويون ڦڪين سان فرق نہ آيو،
علاجن آگ ڀڙڪائي دوا ٿيو زهر اتري ٿي.

نہ دل باغن ۾ ٿي وندري نہ ڪا ساحل تي ٿي سڌري،
لڳن مون کي پڇڻ ٿيو گل هوا ٿيو تير اڪري ٿي.

سڄڻ ساري هنجون هاري ٿا مشڪل "مير" ڏينهن ڪاٽيون،
ڪٽيو ساسان سورن جا سڄڻ بي رات ايري ٿي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

پي ويس پوءِ خطا ياد آئـي،
توبه توبه جي دعا ياد آئـي.

لغزشِ مئه کان ڪري پيس جڏهن،
مون کي سجدي جي ادا ياد آئي.

محتسب هاڻ حسابون کڙيون،
مون کي پنهنجي نه سزا ياد آئي.

پيتو شب پر شراب مون ٽڪرو،
نمازِ عشق قضا ياد آئـي.

مان بلا نوش ٿيس يار تڏهن،
تنهنجي زلفن جي بلا ياد آئـي.

”مير“ هي مئه حرام هوندي آ،
هوش جڏهن نه رهيا ياد آئـي.

Gul Hayat Institute

## غزل

گردش و رنج ۽ آلام هڻڻ ڏي ساقي،
مئي تي دنيا سندو الزام هڻڻ ڏي ساقي.

رات پنهنجي ڏسي تات ۾ ويندي،
پر هي بدنام آهي شام هڻڻ ڏي ساقي.

بي خودي آئي نه آهي اسان جي در تي اڃان،
هوش ۽ عقل سندو نام هڻڻ ڏي ساقي.

ترڪِ الفت جو تماشو به ڏسي ونداسين،
يار کي تورو ئي دوگام هڻڻ ڏي ساقي.

”مير“ محجوب نه آهي رسم آ دنيا جي،
ترس هي واعظِ بدنام هڻڻ ڏي ساقي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

خوشبو عجيب آهي سڄڻ جي ديار جي،
جيئن باغ ۾ مهڪ آهي فصلِ بهار جي.

هيرن جون ڪٽيون آهن يا لعل و جواهر،
ڪهڙي ثنا ڪيان سان گلين جي غبار جي.

الجهي پئي هي دل آ سندس محل و مڪان ۾،
رونق عجيب آهي درن جي ديوار جي،

هن جي شهر جون واٽون عجب يار ڏٺيون سين،
تعريف ڇا بيان ڪجي تن پيچدار جي.

باغِ عدن ڪي رشڪ اچي جي اگر ڏسي،
ٿوري جهلڪ سڄڻ جي حسين لاله زار جي.

اي "مير" ڪٽ ڪروڙ نه ديوان ٿهي وڃن،
تعريف لک نه ايڏي حسين محب يار جي.

Gul Hayat Institute

# غزل

ڇو ستائين تو ايڏو خطا ڪان اگي،
ڪو مري نہ پوي ڪنهن سزا ڪان اگي.

نـــاز پرور ذرا نيڻ پنهنجا تہ جهل،
دل جو ڏاڍو لڳي ويو ادا ڪان اگي.

آف! هي قاتل جواني هـي ظالم ادا،
هاھ ماري وهـن تـا قضا ڪان اگي.

ڪونہ اهڙو ٻڌوسين ستمگر ڪٿهن،
پنهنجي سهڻي مٺي دلربـا ڪان اگي،

ڇو ٿو ماري وهين "مير" کي مفت ۾،
ناز پنهنجي ڪان پهرين جفا ڪان اگي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

تنهنجو پاڪ حجاب آهي،
تو سان ملڻ ثواب آهي.

تون سراپا خوشبو آهين،
تنهنجو حسن گلاب آهي.

حسن جو حاڪم آهين سهڻا،
جوڀن جو نه جواب آهي.

اکڙيون تنهنجون ابرِ رحمت،
تنهنجو وجود ڪتاب آهي.

سهڻا توکي هردم ساريون،
خيال اوهان جو خواب آهي.

"مير" سان مل محبوب اچي،
ڪهڙو هاڻ حساب آهي.

Gul Hayat Institute

## غزل

شمع رخ روشن اکيان تون ٻرڻ ڏي،
اڃان دل ٺرڻ ڏي اڃان دل ٺرڻ ڏي.

مٿا تنهنجي جلوي منجهايو آ مون کي،
ذرو ترس هوش تہ منهنجا ورڻ ڏي،

جدائي جي صدمن جو آهيان ستايل،
فضا قرب جا ڪجهہ تہ مون کي ڪرڻ ڏي.

اڃان سوز الفت لٿو ڪونہ آهي،
درد کي تہ دلبر اندر مان ٺرڻ ڏي.

ڪندو "مير" شڪوو نہ اڄ کا شڪايت،
مگر ان کي آهون تہ اکيان ڪجهہ پرڻ ڏي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

تنهنجي لطفِ نظر جي عطا تي پئي،
زندگي جي وري ابتدا تي پئي.

درد تنهنجي اکيان بي اثر تي وڃن،
تون اچين جي انهن جي دوا تي پئي.

روبرو تون اسان جي هجين مه لقا،
ڇا خوشي جي عجب انتها تي پئي.

زندگي بيوفا چيز آهي سچ،
ڪاش ان ۾ ڪا تنهنجي وفا ٿي پئي.

محب مولا ڪري تون اچين "مير" وٽ،
منهنجي مقبول اڄ هي دعا تي پئي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

افشا ڀلا هي دل جي حقيقت به ڪيئن نه ٿئي،
ظاهر دلين جو پيار محبت بـه ڪيئن نه ٿئي.

آڙاه ڪڏهن لـوڪ جـــي نظر کان لڪو آ،
پوءِ عيان برهه جي مصيبت به ڪيئن نـه ٿئي،

تلوار جيان ڀـــرون ۽ اکيون تيـر مثل ٿيون،
سهڻن اڳيان پوءِ ڪنهن کي حزيمت به ڪيئن نه ٿئي.

هرڪو هتي مجازي خـــدا ٿـاهـــي هلي پيو،
پوءِ خلاف پنهنجي مشيت بـه ڪيئن نـه ٿئي.

اي "مير" هرڪو آهي هڪ ٻئي سندو خلاف،
پوءِ خلل اسان ۾ اذيت بـه ڪيئن نـه ٿئي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ظلم ڏيو دل تي گهڻو ليڪن فغان سون ڪان ڪئي،
پنهنجي قوت صبر واري رائگان سون ڪان ڪئي.

محب ڪي ياجي ڪڏهن شڪوو ڏنو سون نہ گلا،
هي زمين سر تي ڪٽي ۽ آسمان سون ڪا نہ ڪئي.

درد کي ۽ زخم کي سيني اندر سانديي رکيم،
ڪا ذري رنج و الم جي ڪٿ عيان سون ڪا نہ ڪئي.

هر گهڙي اميد ڌاريم آس رکيم يار جي،
ڪنهن بہ ساعت دل سندم بدگمان سون ڪا نہ ڪئي.

"مير" سون سان دلربا هردم رهيو نامهربان،
پر ڪڏهن هي دل سندم بي مهربان سون ڪا نہ ڪئي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ساقي ٿورو اڃان ٻـــم پيـار مون کي،
ڪ کپي تـــو اڃان قـــرار مون کي.

سڄ اگـــر منڪدي ۾ نــاهـــي رهي،
مرڪي صورت سندي ڏيکـار مون کي.

درد منهنجـو دوا مـان ڇـــا ڄـاڻـــي،
دوست پنهنجو ڪراءِ ديـدار مون کي.

هـــوش آهـــن اڃـــان سلامت ٿـيـا،
غم جي ٿوري اڃان آ ســار مون کي.

"مير" کـي نـفـرتـن جياريـو آهـــي،
ورنہ ماري ڇڏيو ٿـــي پيار مون کـــي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ادا ۽ مون کي سڄڻ جي وفا پسند آهي،
نياز و نـــاز ۽ هن جو حيا پسند آهي.

محب منهنجـو سـراپـــا آهـــي حسين،
ٻڌايان کهڙي وصف سان ته ڇا پسند آهي.

مرڪ هن جي ڏسي اچي ٿـــي کنوڻ،
گهٽا کي زلف سندس جي ادا پسند آهي.

هـن جـــي رخسار کان آ رنگين شفق،
صبح کي رخ سندس جي ضيا پسند آهي.

معيار منهنجي مٺي جو مٿي اي "مير" آهي،
وڻن ٿـــا شعر سندم ۽ ثنـا پسند آهي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

هن جي غم کان ٿيو لا علاج آهي،
هن جو مرڪڻ ئي ها علاج آهي.

مون مريضِ الم کي ڪهڙي خبر،
دردِ فرقت جو ڇا علاج آهي.

هو اچي روبرو ته ڇا نه ٿئي،
هن جو ٿيو نقشِ پا علاج آهي.

ڪاش ڪا گردشِ فلڪ منجهي،
هن جو دستِ دعا علاج آهي.

بس فقط "مير" تون رهين محروم،
ورنه هر هڪ ٿيو با علاج آهي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

آھن جـــي نارسائي سمجھہ ۾ نٿي اچي،
قسمت جي بيوفـائي سمجھہ ۾ نٿي اچي.

مغرور وتـي سھڻو اسان جي سوال تـي،
سھڻن جي ڪج ادائي سمجھہ ۾ نٿي اچي.

منھنجي عشق جو غرور بہ ابليس جيان آ،
ھٿي در سندي گدائي سمجھہ ۾ نٿي اچي.

ھـر روز عقل دل جو جھيڙو لڳو وتي،
ھي دوبـدو لـڙائـي سمجھہ ۾ نٿي اچي.

اي "مير" عجب طرح سان بي ربط آ خيال،
اڄ گيت غزل ۾ وائي سمجھہ ۾ نٿي اچي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

ويــو ســهــڻــو ڏار ڪري،
دل جنهن سان پيـار ڪري،

ڏڪـــڙا ســنـهـنجـي دل ۾،
ويـــا هنڌ هنڌ ڏار ڪري.

سورن جـــا سامـان ڏئـــي،
ويـو اڪـڙيون چـار ڪري.

ڪو رحم ڪري شل راڻو،
مـلـي سهڻو ســـار ڪري.

ڪـڪـر وڇــوڙي وارو،
آيـــو ڏاڍي ڪـار ڪري.

"مير" سان مرڪي مرڪي،
ويـو پـل جو پيار ڪري.

Gul Hayat Institute

## غزل

هــــن کي عادت آ بيوفــائي جــي،
ڳالهه کهڙي کريون جدائي جي.

خون دل جو کري ويــــو آهــي،
شاهدي آهـــي هٿ حنائــي جـــي.

پنهنجو هو بيوفا ته ٿي نـہ سگهيو،
ڇـا کيون سوچ شئي پرائي جـــي.

جو وساري تو کاش وسري وڃــي.
لهي تهمت هـــي آشنائـــي جـــي.

خود غرض "میر" محبت ٿي جڏهن،
پـــوءِ تمنا ڇـا دلـربائـي جـــي،

□

Gul Hayat Institute

## غزل

تـــو ڏي ڏسي اسان جي دل پئي وري وري،
پيارا سرڪ پيـاري تـــو ڪئي چري چري.

نالي خدا جـــي هاڻي محبوب مـل اسان سان،
تـــو ڪان سـواءِ پيـارا ويندس مري مري.

ڪئي درد دل ۾ سهٽا تنهنجي فراق جـا هن،
اچ تـــہ ٻڌايان تـــو کي ساري ذري ذري.

راتن جون راتيون جاڳي جاني تو کي پڪاريم،
آهي جلايو بـــرهـہ جـي ٻـــارڻ ٻري ٻري.

تون "مير" کي وساري محبوب وئين هليو پر،
منهنجي نـہ توري ساعت هڪڙي سري سري.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪيترو غم هجي ليڪن ڪڏهن گلا نہ ڪجي،
عشق جي شرط اها آهي تہ رسوا نہ ڪجي.

عشق کان پهرين مناسب آهي سوچڻ سمجهڻ،
ٿي ويو عشق تہ پوءِ لبن کي وا نہ ڪجي.

اجايو شوق ڪٿي آهي دل کي دل سان ڳنڍڻ،
جي ڳنڍجي اوچتيون ويون تہ پوءِ جدا نہ ڪجي.

زمانو ئي آهي اهڙو ڪڏهن ٿيو ٿي وڃي،
مگر اي دوستو غلطي ڪڏهن سدا نہ ڪجي.

اهان بہ "مير" گهڻا ٿيا جهان جا رنگ آهن،
ڪري اجائي ڪا جلدي هي دل فدا نہ ڪجي.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

زماني ۾ جنهن سان ٻـــہ مون ڪئي وفـائي،
انهي ڪان ٿـــي مون کـــي ملي ڪج ادائي.

ڪرڻ نـاهـــي شـــايـــد چڱي ڪا چڱائي،
جـــو صدسان سهي پڻي اسان جـــي سچائي.

ٿـــو هرڪو نـــي چاهـــي نـفـرت نـفـاق،
نـــہ آهي جـــو چاهـي ٿـــو صلح و صفائي.

ڪرڻ هرڪو چاهي ٿـو ٻئي جـــي برائي،
نـــہ ڀلجي ڪري ٿـو ڪو ڪنهن جي ڀلائي.

اســـان "مير" اهـــڙي زمـانـــي ۾ آهيون،
جـتـــي ڪوڙ دوڪـا ٻـــي آڪڙ اجـائـــي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

خلوص و پيار و محبت بہ هڪ فريب آهي،
حسن جو چاهہ ۽ رغبت بہ هڪ فريب آهي.

تمام عمر انهي دشت ۾ گهمي هي ڏٺو،
حسين جو پيار ۽ حسرت بہ هڪ فريب آهي.

هزار بار شبِ وصل ٿي نصيب مگر،
ڏٺوسين هن سان هي نسبت بہ هڪ فريب آهي.

دل و دماغ کان هي فيصلو ڪڏهن نہ ٿيو،
ڇا منهنجي هن سان چاهت بہ هڪ فريب آهي.

عجيب سوچ دلِ بدگمان ۾ آئي اي ”مير“،
ڪ منهنجو عشق ۽ الفت بہ هڪ فريب آهي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

هر هر جنهن جي صورت ساري،
مون ڇڏي هي عمر گذاري.

پل پل جنهن کي ياد ڪريون تا،
شال ڪڏهن سو پرت کي پاري.

جنهن جي جدائي جان ڪڍي تي،
سو نرمل شل مرڪي نهاري.

درد وڌي ويا دردمندي جا،
جانب هاڻ اچي ڪو جياري.

منهنجا "مير" هي نيڻ تڙن تا،
تاهم ڪري شل اکڙيون تاري.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

حسن سهڻي جو سو به سو آهي،
جلوو جاني جو ڪو به ڪو آهي.

هر سمت جيڏانهن ڪٿان نظر پنهنجي،
دوست اڳيان ۽ روبرو آهي،

تيئو حسين ساهه ڪان به ويجهو آ،
پوءِ اجائي پئي جستجو آهي.

زلف هن جا حسين ڪاري ڪُهنا،
جسم هن جي ۾ مشڪ بوءِ آهي.

هن جي ڳالهين ۾ ايڏو آهي خمار،
چڻ ته مئه آهي صبو آهي.

"مير" هو زندگي جو حاصل آ،
هو تمنا هو آرزو آهي.

□

Gul Hayat Institute

## غزل

هڪ وار تـہ ڏس تون نـاز ڪري،
پرين پوء اکيون ڪر پنهنجون پري؛

جـو هينئڙو جـدائـي ۾ آ جاڻو،
سو تـو ڪي ڏسي هڪ وار ٺـري.

ڇـا لـوڪ لکيندو دردِ جـگـر،
سـا جاء جلي جت ڀـاهہ ڀـري.

ڪر معاف مدايـون منهنجون سڀ،
تنهنجي سڪ اندر ٿئي منهنجي سري.

ڇـا تون تو سـڀ منظور ڪرين،
هي "مير" تي ماندو تـو لئہ مري.

□

Gul Hayat Institute

# غزل

هن ڪي وفـــا نہ آئي مون ڪي جفا نہ آهي،
هو بـہ رهيو انـــاڙي مون بـہ عمر وڃائـي.

ري تهمتِ محبت هـيـن زندگـي آ گـذاري.
هـن بـــہ ڪي اجائي مون بـہ ڪئي اجائي،

هو شوخ بدگمان ۾ مون ڪي وفا سان رغبت،
هن ڳالهہ پئي وڌائي مون ڳالهہ پئي گھٽائي.

هي درد جي ڏکيو هو ليڪن عجيب پڻ هو،
هن جي وندر بہ ٿي وئي منهنجي بہ ٿي ڀلائي.

پنهنجي هجر جي هاڻي ڪهڙي ڪريون حڪايت،
هن ڪي گهٽي ملي وئي منهنجي نہ ٿي رهائي.

اي ”مير“ عمر گذري جيڪا الـم ۾ آهـي،
پياري سچي عمر کان سمجهون بـہ ٿـا اهائي.

Gul Hayat Institute

□

## غزل

مون ابتدا ۾ عشق ۾ ماريو فراق کي،
پنهنجو هو زور بازو ڏيکاريو فراق کي.

محبوب کي مڃائي ورتو پنهنجي وفا سان،
ان طرح تير ڦهري اڪاريو فراق کي.

محبوب دل نواز جا دل تي ڪرم هئا،
اهڙي طرح ورائي ويهاريو فراق کي.

مون عشق جي فتح تي هنيان خوب ٿي نعرا،
۽ گار گند سان ڏاڍو پڪاريو فراق کي.

اي ”مير“ ستو پاڳ تہ ڪنهن کي ميار ڏيون،
مون پنهنجي هٿن سان اٿاريو فراق کي.

□

Gul Hayat Institute

# پـل نـامون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 2 | 8 | چنڊ | چين |
| 13 | 10 | ڪجيبن | عجيبن |
| 16 | 11 | سما | ما |
| 17 | 3 | ڪو | ٿي |
| 17 | 3 | ٿي | × |
| 22 | 4 | تن واه ڳلن | واه تن ڳلن |
| 22 | 8 | گهمي ٿيا | گهمي وئين ٿيا |
| 27 | 10 | تي آپ | تي آهي آپ |
| 28 | 5 | زلف | زلفون |
| 29 | 3 | هو | هون |
| 32 | 5 | ۽ي | × |
| 34 | 7 | جنهن ۾ شهر | جنهن شهر ۾ |
| 37 | 3 | مٿا وچي | مٿا سو وچي |
| 41 | 8 | هي | × |
| 43 | 5 | ڪاهي | ڪافي |
| 43 | 6 | لپ | لب |
| 44 | 10 | تي دعا جي | ٿيو دعا جو |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 46 | 12 | بار ساهي | با رسا هي |
| 48 | 8 | جي | × |
| 54 | 3 | ا | آ |
| 54 | 9 | وايس اڱڻ اج | واس اڱڻ اچي |
| 62 | 10 | ڦيرائي | ڦرائي |
| 74 | 8 | نگهم تون | نگهم سان تون |
| 76 | 3 | ڪٿي | ٽڪي |
| 80 | 2 | ضم | صنم |
| 82 | 8 | منهنجا | منهنجي |
| 87 | 4 | ڪهائي | ڪهاٽي |
| 91 | 10 | دشمنن | دشمن |
| 98 | 4 | تہ آهي | آهي تہ |
| 103 | 10 | شڪ جو | مشڪ بوء |
| 105 | 5 | آهين | آهي |
| 105 | 8 | نہ | تہ |
| 105 | 9 | سوا | سدا |
| 111 | 7 | نارسائي | نا رسائي |
| 111 | 14 | ڪهائي | ڪهاڻي |
| 118 | 13 | تون | تو |
| 119 | 2 | اتريون | آتريو |
| 121 | 8 | ڪئين | ڪيئي |
| 123 | 7 | سم | سوم |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 123 | 7 | سوگران | سرگران |
| 128 | مصرع 3 | | |

دل ۾ جي آئي تدورت تي زبان روڪي ڇڏي،
ايترو بـي اختياريـن ۾ بـه تـي اختيار ٿيو ء

| | | | |
|---|---|---|---|
| 128 | مصرع 4 | | |

شعر ۾ بـه گل ۽ بلبل جو قصو ڇيڙي ڇڏيو.
ڪوبه مونسان حرف ڪڏهن ڪونه تي بيڪار ٿيو ء

| | | | |
|---|---|---|---|
| 129 | | رنجش | رنجشن |
| 131 | 2 | قيدي | قيد |
| 131 | 8 | کي پلا | کي ڪو پلا |
| 134 | 5 | تون | × |
| 136 | 3 | سهٽا | سچٽ |
| 137 | 1 | ڪريو | ڪري |
| 143 | 5 | محبوب | محجوب |
| 148 | 3 | دوئي مان | دوئي دل مان |
| 148 | 5 | نقش | نفس |
| 149 | 7 | تار | تـا |
| 152 | 7 | تنهائن | تنهائين |
| 161 | 1 | پيچ | پيچ |

Gul Hayat Institute

| صحيح | غلط | سٽ | صفحو |
|---|---|---|---|
| سوچ تہ ھي | سوچ ھي | 2 | 161 |
| فرصت | فرحت | 7 | 161 |
| نظرن | نظر | 3 | 172 |
| نا رسا ئي | نارسائي | 1 | 177 |
| پل | پل | 12 | 178 |

موھن لال "موھن"

## قطعو

آڪٽوبر ماھ سھڻو، سال اوڻيھہ سؤ نوي
رت حسين ۾ واھ ٿيو ديوان ظاھر "مير" جو
جو بہ پڙھندو سو خوشي حاصل ڪندو ھن مان گھڻي
نيٺ ٿيندو ھي شعر دارون سندي دلگير جو

آڪٽوبر = 1990ع

Gul Hayat Institute



محترم قارئين —
آئون پنهنجي هن دعائيه شعر سان ديوان مير کي
مڪمل ڪيان ٿو — اميد آهي ته هي دعا اوهان
رسان لاءِ سچ ثابت ٿيندي =

(خدا نصيب نه ٿيندي انساني وادي ٻڌڪ.
هتي ٿيا ئي - سڀان ۽ سمن آرامي آهن.)
آمين

دعاگو — غلام احمد ڪاڪ.
15.11.1995

موري جهنگو

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڀِڳُلائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀِڳُولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي نئين نسل کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.



Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٽوڙي نيرا، ساوا ٽوڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

Gul Hayat Institute

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)